اصلاح نفس ۽ فڪرِ آخرت جو جذبو وڌائڻ واري عمده تحرير

# اَيُّهَا الْوَلَد

# پٽ کي نصيحت




حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سیّدُنا

## امام محمّد بن محمّد غزالي عليه رحمة الله الوالي

(المتوفّٰی ۵۰۵ھ)

# يادداشت

مطالعي جي دوران ضرورت مهل انڊر لائن ڪري، اشارا لکي ڪري صفحو نمبر نوٽ فرمايو، اِنْ شَاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عِلم ۾ ترقي ٿيندي.

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | | |

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

نفس جي اصلاح ۽ فڪر آخرت جو جذبو وڌائڻ واري جامع تحرير

# اَيُّهَا الْوَلَد

# پُٽ کي نصيحت

مؤلف

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي

**پيشڪش**

**مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.**

**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
**فون نمبر: 91-90-021-34921389**
*E-mail: translation@dawateislami.net*

كتاب جو نالو : **پٽ کي نصيحت**

مؤلّف : حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالی

ڇاپو پهريون : رجب المرجب 1434ه جون 2013

پيشڪش : مجلس المدينة العلمية (دعوت اسلامي)

سنڌيڪار : مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

ڇاپيندڙ : مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

# مڪتبة المدينه جون مختلف برانچون

مڪتبة المدينه: شهيد مسجدکارادر باب‌المدينه ڪراچي 021-32203311

مڪتبة المدينه: داتا دربار لاهور 042-37311679

مڪتبة المدينه: فيضان مدينه آفندي ٽاؤن حيدرآباد 022-2620122

مڪتبة المدينه: فيضان مدينه العطار ٽاؤن ميرپورخاص 023-3514672

مڪتبة المدينه: فيضان مدينه مارڪيٽ روڊ دادو 025-4611541

مڪتبة المدينه: فيضان مدينه سکر 071-5619195

مڪتبة المدينه: چڪرا بازار نوابشاهه 024-4362145

مڪتبة المدينه: رابعه شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪاڻه 074-4054191

مڪتبة المدينه: عطار آباد (جيڪب آباد) 027-2710635

**مدني التجا: ڪنهن کي ب هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي.**

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ڪتاب پڑهڻ جون 13 نيّتون | 1 |
| المدينۃُ العِلمِيّۃ | 2 |
| اڳ ۾ هن کي پڑهو | 4 |
| اي محبت ڪندڙ ! تمام پيارا پٽ ! | 7 |
| مهڪندڙ مهڪائيندڙ مدني گل | 7 |
| نصيحت ڪنهن تي اثر ناهي ڪندي؟ | 8 |
| علم تي عمل نہ ڪرڻ جو مثال | 9 |
| صرف ڪتاب گڏ ڪرڻ فائديمند ناهي | 10 |
| عمل جي باري ۾ 5 فرمانِ باري تعاليٰ | 10 |
| اسلام جو بنياد | 11 |
| ايمان ڇاکي چئبو آهي؟ | 11 |
| اللہ جي رحمت جي ويجهو ڪير آهي ؟ | 12 |
| خدا تعاليٰ جي رحمت | 13 |
| ڪوڙي اميد ۽ آسرو | 14 |
| عقلمند ۽ بيوقوف | 15 |
| علم حاصل ڪرڻ ۽ مطالعي جو مقصد | 15 |
| مُردي کان 40 سوال | 16 |
| بي فائده ۽ بيڪار علم | 17 |
| نيڪ بخت ۽ بد بخت | 18 |
| ٽڏو پاڻي ڏسي بيهوش...! | 19 |
| رڳو علم حاصل ڪرڻ ئي ڪافي ناهي | 20 |
| اللہ تعاليٰ کي وڻندڙ آواز | 21 |
| فرشتي جي پڪار | 21 |
| اطاعت ۽ عبادت جي حقيقت | 23 |
| کي ڳالهيون زبان سان بيان نہ ٿيون ٿي سگهن | 25 |
| مريد جي لاءِ ضروي ڳالهيون | 26 |
| چار هزار حديثن مان صرف هڪ | 27 |
| 30 سالہ شاگردي جي دور جو نچوڙ | 27 |
| (1) پهريون فائدو | 28 |
| (2) ٻيو فائدو | 29 |
| (3) ٽيون فائدو | 29 |
| (4) چوٿون فائدو | 30 |
| (5) پنجون فائدو | 30 |
| (6) ڇهون فائدو | 31 |
| (7) ستون فائدو | 31 |
| (8) اٺون فائدو | 32 |
| مرشد جي اهميت ۽ ضرورت | 33 |
| ڪامل پير جو عالم هئڻ ضروري آهي | 34 |
| ڪامل پير جا 26 اوصاف | 35 |
| پير ۽ مرشد جو ظاهري احترام | 36 |
| پير ۽ مرشد جو باطني احترام | 37 |
| بد عقيده ماڻهن جي صحبت کان پرهيز: | 37 |
| تصوف جي حقيقت | 37 |
| بندگي جي حقيقت | 38 |
| توڪل جي حقيقت | 38 |
| اخلاص جي حقيقت | 39 |
| ڏيکاءُ ۽ ان جو علاج | 39 |
| علم تي عمل جي برڪت | 39 |
| اٺ اهم مدني گل | 41 |
| ﴿1﴾ پهرين نصحيت | 41 |
| مناظري جي اجازت ڪڏهن آهي؟ | 42 |
| قلبي بيمارين ۾ مبتلا مريض | 42 |
| جاهل مريضن جا 4 قسم | 43 |
| (1) پهريون مريض | 43 |
| (2) ٻيو مريض | 44 |
| (3) ٽيون مريض | 45 |
| (4) چوٿون مريض | 45 |
| وعظ ۽ بيان جي حقيقت | 46 |
| ﴿2﴾ ٻي نصيحت | 46 |
| وعظ ۽ نصيحت ۾ ٻن ڳالهاين کان پرهيز | 46 |
| اميرن سان ميل جول جو نقصان | 50 |
| ﴿3﴾ ٽين نصيحت | 50 |
| اميرن جا تحفا يا شيطان جو وار؟ | 50 |
| ﴿4﴾ چوٿين نصيحت | 50 |
| اللہ تعاليٰ سان ٻانهي جو معاملو | 51 |
| ﴿5﴾ پنجين نصيحت | 51 |
| ماڻهن سان تعلق | 52 |
| ﴿6﴾ ڇهين نصيحت | 52 |
| علم ۽مطالعي جو طريقو | 52 |
| ﴿7﴾ ستين نصيحت | 52 |
| ڇوٽڪاري جو مدني نسخو | 53 |
| ڪيترو علم فرض آهي | 54 |
| لالچ ۽ حرص کان پرهيز | 54 |
| خاص دعا | 55 |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ”نصيحت قبول ڪيو“ جي 113 ڪرڻ جي نسبت سان ڪتاب پڙهڻ جون 13 نيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ يعني ”مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“
(اَلْمُعجَمُ الكَبِير لِلطبَراني ج 6 ص 185 حديث 5942)

## ٻه مدني گُل:

1. بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2. جيتريون سٺيون نيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

﴿1﴾ هر ڀيري حمد و ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تعوّذ و ﴿4﴾ تَسمِيّہ سان شروعات ڪندس. (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل ٻن عربي عبارتن کي پڙهڻ سان مذڪوره چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو) ﴿5﴾ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن ڪتاب جو اوّل کان آخر تائين مطالعو ڪندس ﴿6﴾ وس آهر هن جو باوضو ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس ﴿7﴾ جتي جتي ”اَللّٰه“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿8﴾ جتي جتي ”سرڪار مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس ﴿9﴾ ٻين کي هي ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس ﴿10﴾ (پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ”ياد داشت“ واري صفحي تي ضروري نُڪتا لکندس ﴿11﴾ هن حديث پاڪ تَهَادَوْا تَحَآبُّوْا يعني هڪ ٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي.“ (مَوطا اِمَام مَالِك، ج 2 ص 407 رقم 1731) تي عمل جي نيّت سان (هڪ يا توفيق آهر) هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي طور ڏيندس ﴿12﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي تہ ناشرين (شايع ڪندڙن) کي تحريري طور تي آگاهہ ڪندس. (ناشرين و مُصَنّف وغيره کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# المدينةُ العِلمِيّة

**از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علام مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لله عَلٰي اِحسَانِهٖ وَ بِفَضلِ رَسُولِهٖ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تبليغ** قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "**دعوت اسلامي**" نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان هڪ مجلس "**المدينة العلمية**" بہ آهي جيڪا **دعوتِ اسلامي** جي علماء ۽ مفتيانِ ڪرام ڪَثَّرَهُمَ اللهُ تعاليٰ تي مشتمل آهي جن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري ڪنئي آهي. ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

(1) **شعبہ ڪُتُبِ اعليٰ حضرت** رحمة الله تعاليٰ عليه
(2) **شعبہ درسي ڪُتُب**
(3) **شعبہ اِصلاحي ڪُتُب**
(4) **شعبہ تراجِمِ ڪُتُب**
(5) **شعبہ تفتيشِ ڪُتُب**
(6) **شعبہ تَخرِيج ڪُتُب**

"**المدينة العلمية**" جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہ شمع رسالت، مجدّد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالم شريعت، پير طريقت، باعث

خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاھ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي شاھڪار تصنيفن کي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق حتي الوُسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آھي. تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون ھن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ ھر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ بہ مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي بہ انھن جي ترغيب ڏيارين .

الله عَزَّوَجَلَّ "**دعـــوتِ اسلامـــي**" جي تمام مجالس بشمول "المدينةالعلمية" کي ڏينھن ٻارھين ۽ رات ٻارھين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي ھر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ڪري ٻنھي جھانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شھادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ جڳھ نصيب فرمائي .

اٰمين بجاهِ النّبيّ الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# اڳ ۾ هن کي پڙهو

دين جو علم حاصل ڪرڻ تمام وڏي سعادت ۽ افضل عبادت آهي. قرآن شريف علم وارن جي فضيلت ۾ ارشاد فرمايو:

يَرۡفَعِ اللّٰہُ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡکُمۡ ۙ وَ الَّذِیۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ دَرَجٰتٍ ؕ (پ 28، مجادله، 11)

**ترجموڪنزالايمان:** الله درجا بلند فرمائي ٿو توهان مان انهن جا، جن ايمان آندو ۽ جن کي علم ڏنو ويو.

نبي اڪرم، نور مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي ته عالِم جي فضيلت عابد تي ائين آهي جيئن منهنجي فضيلت توهان مان گهٽ درجي واري تي. (سنن الترمذي، ج 4 حديث 2694 ص 314) هڪ ٻئي مقام تي ارشاد فرمايائون: هڪ فَقِيه (عالم) هزار عابدن کان وڌيڪ شيطان تي حاوي آهي. (سنن الترمذي ج 4 ص 312 حديث 2690)

پر علم اهو ئي فائديمند آهي جنهن مان نفعو حاصل ڪيو وڃي. ان ڪري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بنا فائدي واري علم کان الله تعاليٰ جي پناهه گهري آهي. جيئن پيارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ريت دعا گهرندا هئا ته اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَعُوۡذُ بِكَ مِنۡ عِلۡمٍ لَّا يَنۡفَعُ (يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ مان اهڙي علم کان تنهنجي پناهه گهران ٿو جيڪو فائدو نه ڏئي) (صحيح مسلم ص 1457 حديث 2722)

تنهنڪري اهو ئي علم حاصل ڪيو وڃي جيڪو دنيا ۽ آخرت ۾ نفعو ڏئي، جنهن علم مان ڪو فائدو نه پهچي، ان کان پاسو ڪيو وڃي. حُجَّةُ الۡاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَالِی کان سندن هڪ شاگرد ان باري ۾ خط ذريعي پڇا ڪئي ۽ ڪجهه نصحيتن جو به عرض ڪيو، تنهن تي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡهِ جواب ۾ رسالي

نما خط تحرير فرمايو جيڪو ”اَيُّهَاالوَلَد“ جي نالي سان مشهور ٿيو. ان خط ۾ حضرت سيدنا امام محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ الوَالِی هڪ شفيق والد وانگر پنهنجي روحاني فرزند کي نصيحتون فرمايون آهن. سندن جو اهو مختصر خط ڄڻ تہ تصوُّف جو مختصر ۽ جامع نصاب آهي. مڪمل ڌيان سان ان جو پڙهڻ، بلڪ بار بار پڙهڻ سان انشاءَالله عَزَّوَجَلَّ دل ۾ مدني انقلاب پيدا ٿيندو. حضرت سيدنا امام غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِی جو لکيل هڪ هڪ جملو تاثير جو تير بڻجي دل ۾ لهندي محسوس ٿيندو.

ڪاميابي ۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ حضرت سيدنا امام غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالِی نفس جي پاڪيزگي ۽ اصلاح تي ڪافي زور ڏنو آهي ۽ ان لاءِ ڪامل مرشد جي ضرورت کي لازمي قرار ڏنو آهي. جڏهن تہ رڳو علم حاصل ڪرڻ کي ئي سڀ ڪجھ سمجهڻ وارن کي سخت تنبيھ فرمائي آهي. مثال طور هنن لفظن تي غور فرمايو تہ دل جون ڪيفيتون تبديل ٿيندي نظر اينديون.

جيئن ارشاد فرمايائون: ”جيڪو علم اڄ توکي گناهن کان پري نہ ڪري سگهيو ۽ الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ عبادت جو شوق پيدا نہ ڪري سگهيو تہ ياد رک! سڀاڻي قيامت ۾ توکي جهنم جي باھ کان بہ بچائي نہ سگهندو.“

تنهنڪري هر مسلمان کي، خاص ڪري شاگردن کي گهرجي تہ هي رسالو شروع کان آخر تائين مڪمل پڙهن. ”مجلس المدينة العلميہ“ هن جو اردو ترجمو ”بيٹے کو نصيحت“ جي نالي سان ڪرايو ۽ مجلس تراجم هن جو سنڌي ترجمو ”پٽ کي نصيحت“ جي نالي سان ڪرايو، جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي. هن ترجمي ۾ جيڪي بہ خوبيون آهن

**اهي الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عطائن، ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جي عنايتن ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري دامت برکاتهم العاليه جي پُرخلوص دعائن جو نتيجو آهن ۽ جيڪي ڪوتاهيون آهن، ان ۾ اسان جي ناقص سمجهه جو عمل دخل آهي.

ترجمي جي لاءِ دارالفڪر بيروت جو نسخو (ڇپيل 1424هه بمطابق 2003ع) استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ترجمو ڪندي هيٺين ڳالهين جو خاص خيال رکيو ويو آهي.

- ✡ سولو ۽ با محاوره ترجمو ڪيو ويو آهي ته جيئن گهٽ پڙهيل لکيل اسلامي ڀائر به سمجهي سگهن.
- ✡ آيتن جو ترجمو اعليٰ حضرت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي قرآن پاڪ جي ترجمي ”ڪنزالايمان“ مان ورتو ويو آهي.
- ✡ آيات مبارڪ جي حوالي جو به خيال رکيو ويو آهي ۽ وس آهر احاديث مبارڪ ۽ واقعن جي تخريج به ڪئي وئي آهي.
- ✡ ڪن هنڌن تي حاشيي سان گڏ تخريج جو به خيال رکيو ويو آهي.
- ✡ موقعي جي مناسبت سان ڪٿي ڪٿي عنوان به قائم ڪيا ويا آهن.
- ✡ ڏکين لفظن جي معنيٰ هلالين (...) ۾ لکڻ جو به بندوبست ڪيو ويو آهي.
- ✡ ترقيم جي نشانين (وقف جي نشانين) جو به خيال رکيو ويو آهي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ دعا آهي ته اسان کي ”پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش“ ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامن تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ دعوت اسلاميءَ جي سيني مجلسن ۽ بشمول ”مجلس المدينة العلميه“ کي ڏينهن ٻنجويهين ۽ رات چوويهين ترقي عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اي محبت ڪندڙ پيارا پٽ!

**الله** عَزَّوَجَلَّ توهان کي پنهنجي اطاعت ۾ وڏي عمر عطا فرمائي ۽ پنهنجن پيارن جي رستي تي هلڻ نصيب فرمائي اها ڳالھ ذهن ۾ ويهاري ڇڏ تہ!

نصيحت جا ٽڙندڙ گل تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حديثن ۽ سنت مان حاصل ٿيندا آهن، جيڪڏهن توکي رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاه مان نصيحت ملي چڪي آهي تہ پوءِ منهنجي ڪنهن بہ نصيحت جي ضرورت ناهي ۽ جيڪڏهن بارگاھ مصطفيٰ مان نصيحت ناهي ملي تہ پوءِ تون اهو ٻڌاءِ تہ گذريل ڏينهن ۾ تو ڇا حاصل ڪيو؟

# مهڪندڙ مهڪائيندڙ مدني گل

اي پيارا پٽ!

حضور نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امت کي جيڪي نصيحتون ارشاد فرمايون آهن، انهن مان هڪ ٽڙندڙ مدني گل هيءُ آهي: عَلَامَةُ اِعْرَاضِ اللهِ تَعَالٰى عَنِ الْعَبْدِ اِشْتِغَالُهٗ بِمَا لَا يَعْنِيْهِ وَاِنَّ امْرَأً ذَهَبَتْ سَاعَةٌ مِّنْ عُمُرِهٖ فِيْ غَيْرِ مَا خُلِقَ لَهٗ لَجَدِيْرٌ اَنْ تَطُوْلَ عَلَيْهِ حَسْرَتُهٗ وَمَنْ جَاوَزَ الْاَرْبَعِيْنَ وَلَمْ يَغْلِبْ عَلَيْهِ خَيْرُهٗ شَرَّهٗ فَلْيَتَجَهَّزْ اِلَى النَّارِ۔ ترجمو: يعني ٻانهي جو بي فائده ڪمن ۾ پوڻ ان ڳالھ جي علامت آهي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان ڪان پنهنجي عنايت جي نظر ڦيرائي ڇڏي آهي ۽ جنهن مقصد جي لاءِ ٻانهي کي پيدا ڪيو ويو آهي جيڪڏهن ان جي زندگيءَ جو هڪ پل بہ ان ڪانسواءِ گذريو تہ اهو

ان ڳالهہ جو حقدار آهي تہ ان جي حسرت وڏي وڃي ۽ جنهن جي عمر 40 سالن کان وڌي وڃي، ان جي باوجود بہ ان جي براين تي ان جون چڱايون غالب نہ اچن تہ اُن کي جهنم جي باهہ ۾ وڃڻ جي لاءِ تيار رهڻ کپي.

(تفسير روح البيان، سوره بقرة، تحت الاٰية :232 ج 1 ص 363)

سمجهدار عقلمند جي لاءِ ايتري ئي نصيحت کافي آهي.

## نصيحت ڪنهن تي اثر ناهي ڪندي؟

اي فرزندِ دلبند!

نصيحت ڪرڻ تہ تمام سولي آهي، پر ان کي قبول ڪرڻ (يعني ان تي عمل ڪرڻ) تمام ڏکيو آهي. ڇو تہ جن ماڻهن جي دلين تي دنيا جي لذّت ۽ نفساني خواهشن جو غلبو هجي، انهن کي نصيحت ۽ ڀلائي جون ڳالهيون ڪَڙيون لڳنديون آهن. خاص ڪري ان رواجي شاگرد کي نصحيت ڪَڙي لڳندي آهي جيڪو پنهنجي واهہ واهہ جو طالب ۽ دنيا جي مشهوري ماڻڻ ۾ رذل هجي، ڇو تہ اهو ان گندي خيال ۾ ڦاٿل هوندو آهي تہ ”ان کي ڪاميابي ۽ آخرت ۾ ڇوٽڪاري جي لاءِ صرف علم ئي ڪافي آهي ۽ عمل جي ڪا بہ ضرورت ناهي.“ حالانڪ اهو تہ فلسفين جو نظريو آهي ۽ اهو شخص ايترو بہ نہ ٿو سمجهي تہ علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان تي عمل نہ ڪرڻ آخرت ۾ تمام وڏي پڪڙ جو سبب ٿيندو. جيئن **الله**عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”اَشَدُّ النَّاسِ عَذَابًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ عَالِمٌ لَا يَنْفَعُهُ اللهُ بِعِلْمِهٖ يعني قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ عذاب ان عالم کي ٿيندو جنهن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي علم جي سبب ڪو بہ فائدو نہ پهچايو.“

(شعب الايمان للبيهقي، حديث 1778 ج 2 ص 285)

سيِّدُ الطَّائِفہ حضرت سيدنا جنيد بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡهَادِی جن کي وصال کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيائين: اي ابوالقاسم! ڪجھ ارشاد فرمايو (وفات کان پوءِ ڇا ٿيو؟) فرمايائون: ”علمي بحث ۽ علمي رازن جون ڳالهيون ڪم نہ آيون، پر رات (جي اڪيلائپ ۾) ادا ڪيل ڪجھ رڪعتن تمام گھڻو فائدو پهچايو.“

## علم تي عمل نہ ڪرڻ جو مثال

اي اکين جا نور!

نيڪ عملن ۽ باطني ڪمال کان خالي نہ رهجان (بلڪ ظاهر ۽ باطن کي سهڻن اخلاقن سان سينگارجان) ۽ يقين رک تہ (عمل کان سواءِ) رڳو علم (قيامت جي ڏينهن) تنهنجي ڪم نہ ايندو جيئن ڪو شخص جهنگ ۾ هجي ۽ ان وٽ ٻين هٿيارن کان علاوه 10 ”هِندي تلوارون“ بہ هجن ۽ اهو انهن کي استعمال ڪرڻ ۾ مهارت بہ رکندو هجي ۽ اهو بهادر بہ هجي. ايتري ۾ اوچتو هڪ وڏو خوفناڪ شينهن ان تي حملو ڪري تہ تنهنجو ڇا خيال آهي تہ استعمال ڪرڻ کانسواءِ صرف هٿيارن جي موجودگي، ان کي انهيءَ مصيبت کان بچائي سگهي ٿي؟ يقيني طور تي تون چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو تہ انهن هٿيارن کي استعمال ۾ آڻڻ کانسواءِ ان حملي مان نہ ٿو بچي سگهجي. ان ڪري ياد رک تہ جيڪڏهن ڪو شخص هڪ لک علمي مسئلا پڙهي، انهن کي چڱي طرح سمجهي بہ ڇڏي، پر عمل نہ ڪري تہ اهي مسئلا ان کي ڪجھ بہ نفعو نہ ڏيندا. ان ڳالھ کي هيئن بہ سمجهي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو شخص بيمار هجي ان کي گرمي ۽ صفرا (هڪ قسم جي مرض) جي شڪايت هجي

۽ ان کي خبر هجي ته ان جو علاج سِڪَنج بِين (سرڪو يا ليمي جي عرق مان تيار ڪيل شربت) ۽ ڪَشڪَاب (جَوَن جي پاڻي) جي استعمال ڪرڻ ۾ آهي ته انهن کي استعمال ڪرڻ کانسواءِ (صرف انهن جي موجودگي) سان ان جو مرض ڪيئن ٿو ختم ٿي سگهي؟

## صرف ڪتاب گڏ ڪرڻ فائديمند ناهي

پيارا پٽ!

جيڪڏهن تون 100 سالن تائين علم حاصل ڪرڻ ۾ مشغول هجين ۽ هڪ هزار ڪتاب گڏ ڪري وٺين تڏهن به عمل کان سواءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو حقدار نٿو ٿي سگهين.

### عمل جي باري ۾ 5 فرمانِ باري تعالىٰ:

﴿1﴾ وَاَنۡ لَّيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى
(پ 27، النّجم 39)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ هي ته انسان جي واسطي نه آهي مگر پنهنجي ڪوشش.

﴿2﴾ فَمَنۡ كَانَ يَرۡجُوۡا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلۡيَعۡمَلۡ عَمَلًا صَالِحًا
(پ 16 الڪهف: 110)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ جنهن کي پنهنجي رب سان ملڻ جي اميد هجي ان کي گهرجي ته چڱا ڪم ڪري.

﴿3﴾ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿۸۲﴾
(پ 10، التوبة: 82)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بدلو ان جو جيڪي ڪم ڪندا هئا.

﴿4﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتۡ لَهُمۡ جَنّٰتُ الۡفِرۡدَوۡسِ نُزُلًا ﴿۱۰۷﴾ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا لَا يَبۡغُوۡنَ عَنۡهَا حِوَلًا ﴿۱۰۸﴾
(پ16، الڪهف: 107،108)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا فردوس جا باغ انهن جي مهماني جي واسطي آهن، اهي سدائين انهن ۾ ٿي رهندا اتان جاءِ متائڻ نه چاهيندا.

﴿5﴾ اِلَّا مَنۡ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا (پ 19، الفرقان: 70)

**ترجموڪنزالايمان:** مگر جيڪو توبه ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ چڱا ڪم ڪري.

## اسلام جو بنياد

مٿي ذڪر ڪيل آيتن کان علاوه هن حديث جي باري ۾ توهان جا ڇا تو چوين؟ (ڇا اجا به تو کي عمل جي ترغيب نه ملندي؟)

بُنِيَ الۡاِسۡلَامُ عَلٰی خَمۡسٍ شَهَادَةِ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ اللّٰهِ وَ اِقَامِ الصَّلٰوةِ وَاِيۡتَآءِ الزَّکٰوةِ وَ صَوۡمِ رَمَضَانَ وَحَجِّ الۡبَيۡتِ مَنِ اسۡتَطَاعَ اِلَيۡهِ سَبِيۡلًا يعني: اسلام جو بنياد پنجن شين تي آهي. ان ڳالهه جي شاهدي ڏيڻ ته **الله** عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪوبه معبود ناهي ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** عَزَّوَجَلَّ جا رسول آهن، نماز قائم ڪرڻ، زڪوٰة ادا ڪرڻ، رمضان جا روزا رکڻ ۽ جنهن کي طاقت هجي، ان کي بيت الله شريف جو حج ڪرڻ.

(صحيح البخاري، الحديث 8، ج 1 ص 14)

## ايمان ڇاکي چئبو آهي؟

اَلۡاِيۡمَانُ قَوۡلٌ بِاللِّسَانِ وَ تَصۡدِيۡقٌ بِالۡجَنَانِ وَعَمَلٌ بِالۡاَرۡکَان (يعني ايمان زبان سان اقرار، دل جي تصديق ۽ اسلام جي رڪنن تي عمل ڪرڻ[1] جو نالو آهي.

---

1. شارح بخاري، فقيهِ اعظم هِند، حضرت علامه مفتي شريف الحق امجدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي تحرير جو خلاصو آهي ته ايمان جي سلسلي ۾ تمام گهڻا اختلاف آهن. عمل ۽ قول ايمان جو حصو آهن يا نه؟ حضرت سيدنا امام مالڪ، امام شافعي، امام احمد بن حنبل ۽ جمهور محدثين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الۡمُبِيۡن عملن ۽ قولن کي ايمان جو حصو مڃين ٿا ۽ (حضرت سيدنا) امام اعظم ، جمهور متڪلمين، محققين ۽ محدثين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الۡمُبِيۡن اعمال ۽ اقوال کي ايمان جو حصو نٿا مڃين. صحيح ۽ راجح اهو آهي ته عمل ۽ قول ايمان جا حصا ناهن. (نزهة القاري شرح صحيح البخاري ج 1 ص 236 ملخصًا) ان جا دليل ڄاڻڻ لاءِ "نزهة القاري" جي انهيءَ هنڌ جو مطالعو فرمايو ۽ مڪتبة المدينه جي ڇپيل 692 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ڪفريه ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب" جي صفحي 39 کان 40 تي امير اهلسنت شيخ طريقت حضرت علامه

## الله تعالیٰ جي رحمت جي ويجهو ڪير آهي؟

نيڪ عملن جي اهميت ۽ فضيلت بابت (قرآن و حديث ۾ موجود) دليلن ڪي نئو ڳڻي سگهجي. جيڪڏهن ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان جنت تائين پهچي ويو ته اهو ان جي اطاعت ۽ عبادت بجا آڻڻ ڪان پوءِ هوندو. چو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ان جي نيڪ ٻانهن جي ويجهو هوندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو چيو وڃي ته ٻانهي جو صاحب ايمان هجڻ ئي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ ڪافي آهي (۽ عمل جي ضرورت ناهي) ته اسان چونداسين ته توهان جو چوڻ صحيح آهي. پر ان کي جنّت ۾ وڃڻ ڪتي نصيب ٿيندو؟ ان تائين پهچڻ جي لاءِ تمام ڏکين لَڪن ۽ کَندن سان ڀريل وادين کي منهن ڏيڻو پوندو. سڀ کان پهريون مرحلو ته ايمان جي وادي مان حفاظت سان گذرڻو آهي. ڪهڙي خبر ته ٻانهو ايمان کي سلامت ڪڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿئي به ٿو يا نه؟ [1] الله عَزَّوَجَلَّ اسان جو ايمان سلامت رکي

---

مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت برکاتهم العاليه لکن ٿا: لغت ۾ ايمان تصديق ڪرڻ (يعني سچو مڃڻ) کي چئبو آهي. (تفسير قرطبي ج 1 ص 147) ايمان جي ٻي لغوي معنيٰ آهي امن ڏيڻ. جيئن ته مؤمن سنا عقيدا اختيار ڪري، پنهنجو پاڻ کي دائمي يعني هميشه ٿيندڙ عذاب کان امن (پناهه) ڏئي ٿو، ان ڪري سٺن عقيدن کي اختيار ڪرڻ کي ايمان چئبو آهي. (تفسير نعيمي ج 1 ص 8) شريعت جي اصطلاح ۾ ايمان جي معنيٰ آهي: سچي دل سان انهن ڳالهين جي تصديق ڪرڻ جيڪي ضروريات دين مان آهن. (ماخوذًا بهار شريعت حصو 1 ص 92) ۽ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فرمائن ٿا: محمد رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هر ڳالهه ۾ سچو مڃي حضور جن جي حقانيت کي سچي دل سان مڃڻ ايمان آهي ۽ جيڪو ان جو اقرار ڪرڻ وارو هجي ان کي مسلمان سمجهنداسين جڏهن ته ان جي ڪنهن ڳالهه، ڪم يا حال ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو انڪار يا ان جي تڪذيب يا توهين نه لڌي وڃي. (فتاويٰ رضويه ج 29 ص 254)

1. ايمان جي حفاظت جو ذهن بنائڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل 472 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بيانات عطاريه" ۾ شامل رسالي "بري خاتمي جا سبب" جي صفحي 107 کان 146 جو مطالعو فرمايو.

آمين ۽ جيڪڏهن (ڪامياب ٿي) جنت ۾ داخل ٿي به ويو ته پوءِ به مفلس جنتي هوندو.

حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ القوي فرمائن ٿا ته **الله** عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ارشاد فرمائيندو: ”اي منهنجا ٻانهؤ! منهنجي رحمت سان جنت ۾ داخل ٿي وڃو ۽ اُن کي پنهنجن عملن جي مطابق ورهايو.

## خدا تعاليٰ جي رحمت

اي فرزندِ دلبند!

عمل ڪندين ته اجر ۽ ثواب ملندو. روايت ۾ آهي ته بني اسرائيل جي هڪ عابد 70 سالن تائين **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي. ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ ان جي عظمت ۽ شان ملائڪن تي ظاهر ڪرڻ جو ارادو فرمايو ته ان ڏانهن هڪ ملائڪ موڪليو ته جيئن ان کي اهو ٻڌائي ته هيتري زُهد ۽ عبادت جي باوجود به هو جنّت جو حقدار ناهي. پوءِ ملائڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو پيغام پهچايو ته ان نيڪ مرد جواب ڏنو اسان کي ته عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ان ڪري اسان کي عبادت ئي ڪرڻ گهرجي. (هاڻي اها خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي مرضي آهي ته رکو پنهنجي ڪرم سان جنّت ۾ داخل فرمائي يا انصاف ڪندي جهنم ۾ اڇلائي ڇڏي) جڏهن ملائڪ، ڪائنات جي مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي درٻار عاليشان ۾ حاضر ٿيو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ پڇا ڪئي ته منهنجي ٻانهي ڪهڙو جواب ڏنو؟ عرض ڪيائين: اي سيني جهانن جا پروردگار! تون پنهنجي ٻانهي جي جواب کي چڱيءَ ريت ڄاڻين ٿو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو ته جڏهن منهنجو ٻانهو منهنجي عبادت کان نٿو

ڪيٻائي تہ پوءِ منهنجي شانِ ڪريمي جي تقاضا بہ اهائي آهي تہ مان بہ ان ڪان پنهنجي رحمت جي نظر ڇو ڦيرايان. اي ملائڪؤ! گواھ رهجو تہ مون ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي.

نور مجسّم، شاھ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: ”حَاسِبُوْا اَنْفُسَكُمْ قَبْلَ اَنْ تُحَاسَبُوْا وَزِنُوْا اَعْمَالَكُمْ قَبْلَ اَنْ تُوْزَنُوْا“ يعني ان ڪان اڳ جو توهان جو حساب ڪتاب ٿئي، پنهنجو محاسبو پاڻ ڪريو ۽ پنهنجي عملن جو وزن ڪريو ان ڪان اڳ جو انهن ڪي توريو وڃي.

(سنن الترمذي حديث 2467 ج 4 ص 208)

## ڪوڙي اميدءِ آسرو

اميرالمؤمينن حضرت سيدنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ارشاد فرمائن ٿا: جيڪو شخص انهيءَ گمان ۾ آهي تہ نيڪ عمل ڪرڻ ڪانسواءِ جنّت ۾ داخل ٿيندو تہ اهو ڪوڙي اميد ۽ آسري جو شڪار آهي ۽ جنهن اهو خيال ڪيو تہ نيڪ عملن جي ڀرپور ڪوشش سان ئي جنت ۾ داخل ٿيندو تہ ڄڻ اُهو پاڻ کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ڪان مستغني ۽ بي پرواھ سمجهي وينو آهي.

(تفسيرروح البيان، سورهءِ بقرة، تحت الآية 246 ج 1 ص 383)

حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: چڱن عملن ڪانسواءِ جنت جي طلب ڪرڻ گناھ ڪان گهٽ ناهي.

(تفسيرروح البيان، سورهءِ رعد، تحت الآية 246 ج 4 ص 388)

۽ سندن جو ئي ارشاد گرامي آهي: حقيقي بندگيءَ جي علامت اها آهي تہ ٻانهو عمل ڪرڻ نہ ڇڏي، پر عملن کي سنو سمجهڻ ڇڏي ڏئي.

## عقلمند ۽ بيوقوف

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: اَلْکَیِّسُ مَنْ دَانَ نَفْسَہٗ وَ عَمِلَ لِمَا بَعْدَ الْمَوْتِ وَ الْاَحْمَقُ مَنِ اتَّبَعَ نَفْسُہٗ ھَوَاھَا وَ تَمَنّٰی عَلَی اللہِ. يعني وڏو عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس کان پڇاڻو ڪري ۽ موت کان پوءِ واري زندگيءَ جي لاءِ عمل ڪري ۽ وڏو نادان اهو آهي جيڪو نفساني خواهشن جي پيروي ڪري ۽ (نفساني خواهشن ۽ ممنوعات کي ڇڏڻ ڪانسواءِ) **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ کان (بخشش ۽ جنت جي) اميد رکي. (سنن ترمذي حديث 2467 ج 4 ص 208)

## علم حاصل ڪرڻ ۽ مطالعي ڪرڻ جو مقصد

اي پيارا پٽ!

تون ڪيترين ئي راتيون جاڳي ڪري علم حاصل ڪرڻ ۾ مصروف ۽ مشغول رهين (۽ ڪتاب پڙهڻ واري شوق ۾) پاڻ تي ننڊ حرام ڪرين ڇڏين، مان نٿو سمجهان تہ تنهنجي ان محنت ۽ مشقت جو سبب ڇا هيو؟ جيڪڏهن تنهنجي نيّت دنيا جو سامان ۽ مال و دولت حاصل ڪرڻ، دنيا جو عهدو ۽ منصب ملڻ ۽ همعصر ماڻهن تي پنهنجي وڏائي ۽ مرتبو ظاهر ڪرڻ هو تہ پوءِ (ڪن کولي ٻڌ!) تنهنجي لاءِ تباهي ۽ بربادي آهي ۽ جيڪڏهن انهن راتين جي جاڳڻ ۾ تنهنجي نيّت اها هئي تہ تون **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيب لبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري پياري شريعت جو پيغام عام ڪرين، پنهنجي ڪردار ۽ اخلاق کي سنتن جي مطابق ٺائين ۽ هميشہ برائيءَ ڏانهن سڏيندڙ نفسِ امّاره جي شرارتن کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرين تہ پوءِ توکي مبارڪ هجي ۽ سعادتمندي

نصيب ٿئي. ڪنهن شاعر سچ ئي چيو آهي:

سَهَرُ الْعُيُوْنِ لِغَيْرِ وَجْهِكَ ضَائِعٌ وَبُكَاؤُهُنَّ لِغَيْرِ فَقْدِكَ بَاطِلٌ

**ترجمو:** تنهنجي سهڻي چهري جي ديدار کانسواءِ ڪنهن غير جي لاءِ انهن اکين جو جاڳندو رهڻ بيڪار آهي ۽ توکان سواءِ ڪنهن ٻئي جي فراق ۾ روئڻ اجايو آهي.

اي اکين جا نور!

عِشْ مَا شِئْتَ فَاِنَّكَ مَيِّتٌ وَ اَحْبِبْ مَا شِئْتَ فَاِنَّكَ مُفَارِقُهٗ وَ اعْمَلْ مَا شِئْتَ فَاِنَّكَ تُجْزٰی بِهٖ. **ترجمو:** جيئن وڻئي زندگي گذار پر آخر توکي مرڻو آهي. جنهن سان وڻئي محبت ڪر، هڪ نہ هڪ ڏينهن تون ان کان جدا ٿيندين ۽ جيڪو وڻئي عمل ڪر پر آخرڪار ان جو بدلو ڏنو ويندين.

اي فرزندِ دلبند!

علم ڪلام و مناظره، علم طب، علم دواوين و اشعار، علم نجوم و عروض، علم نحو و صرف (جن جي حاصل ڪرڻ جو مقصد جيڪڏهن دنيا جي شهرت حاصل ڪرڻ ۽ ماڻهن تي پنهنجي وڏائي ۽ برتريءَ جو اظهار هو) تہ **الله** تعاليٰ جي ناراضگي ۾ پنهنجي عمر جو قيمتي وقت ضايع ڪرڻ کان سواءِ توکي ڇا حاصل ٿيو؟

## مُردي کان 40 سوال

مون مقدّس انجيل ۾ اهو لکيل ڏٺو تہ حضرت سيدنا عيسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ارشاد فرمايو: مُردي کي کٽ تي رکي قبر تائين آڻڻ جي دوران **الله** عَزَّوَجَلَّ مُردي کان 40 سوال ڪندو آهي. ان مان پهريون سوال اهو هوندو آهي تہ اي منهنجا ٻانها! ماڻهن کي سهڻو ۽ خوبصورت نظر اچڻ جي لاءِ سالن تائين تون پاڻ کي سينگاريندو رهيئن، پر جنهن شيءِ (يعني دل) تي منهنجي نظر (رحمت) هوندي

آهي، ان کي تو هڪ گهڙي به پاڪ ۽ صاف نه ڪيو.

(اي انسان!) روزانو **الله** عَزَّوَجَلَّ تنهنجي دل تي ڪرم جي نظر فرمائيندو آهي ۽ ارشاد فرمائيندو آهي: ته ”تون منهنجي غير جي لاءِ ڇا ڇا ٿو ڪرين، حالانڪ تون منهنجي نعمتن ۾ گهيريل آهين (پوءِ به منهنجي فرمانبرداري ڏي ڌيان نٿو ڏين) ڇا تون ٻوڙو ٿي چڪو آهين؟ ڇا توکي ڪجھ ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي؟“

## بي فائده ۽ بيڪار علم

اي پيارا پٽ!

عمل کانسواءِ علم چريائپ ۽ ديوانگي کان گهٽ ناهي ۽ علم کانسواءِ عمل جي ڪا به حيثيت ناهي.[1] (ان ڳالھ کي پلي ۾ ٻڌي ڇڏيو ته) جيڪو علم اڄ توکي گناهن کان پري نه ڪري سگهيو ۽ نه **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت (۽ عبادت) جو شوق پيدا ڪري سگهيو ته اهو سڀاڻي قيامت ۾ توکي جهنم جي (ڀڙڪندڙ) باھ کان به بچائي نه

---

1. علم کانسواءِ نه صرف عام طور تي عبادت صحيح طريقي سان ادا ٿيڻ کان رهجي ويندي آهي، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته ٻانهو سخت گنهگار به ٿي پوندو آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 651 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ملفوظات اعليٰ حضرت“ جي صفحي 335 تي امام اهلسنت، اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان عليه الرحمة الرحمٰن (متوفي 1340ھ) فرمائن ٿا: حديث ۾ ارشاد ٿيو ته (اَلْمُتَعَبِّدُ بِغَيْرِ فِقْهٍ كَالْحِمَارِ فِي الطَّاحُوْن) (يعني بنا فقه جي عابد بڻجڻ وارو ائين آهي جيئن چڪيءَ ۾ گڏھ) (ڪنزالعمال، حديث 28705 ج 5 ص 61) بنا فقه جي عابد ٿيڻ وارو (فرمايائون) عابد نه فرماياڻون، بلڪ عابد ٿيڻ وارو فرماياڻون. يعني فقه کانسواءِ عبادت ٿي ئي نٿي سگهي. جيڪو فقه کانسواءِ عابد ٿو ٿئي، اهو ائين آهي جيئن چڪيءَ ۾ گڏھ وانگر سخت محنت ڪري ۽ حاصل ڪجھ به نه ڪري.

ان کان علاوه فقيہ ملت حضرت علامہ مفتي جلال الدين احمد امجدي عليه رحمة الله القوي (متوفي 1421ھ) ان حديث پاڪ جي تشريح ۾ لکن ٿا: مطلب ته جيئن اڳئين زماني ۾ اٽي جي چڪيءَ کي گڏھ هلائيندو هو، پر اٽو کائڻ جي لاءِ ان کي نه ملندو هو. اهڙيءَ طرح فقه کانسواءِ يعني شريعت جي مسئلن کي سمجهڻ کانسواءِ، جيڪو عبادت جي تڪليف ڪري ٿو، ان کي ڪجھ به ثواب نه ٿو ملي. (علم ۽ علماءِ ص 58)

سگھندو. جيڪڏھن اڄ تو نيڪ عمل نہ ڪيو ۽ (سنتن ڪي اپنائي) گذريل وقت جو تدارڪ نہ ڪيو تہ سڀاڻي قيامت ۾ تنھنجي ھڪ ئي پڪار ھوندي:

فَارۡجِعۡنَا نَعۡمَلۡ صَالِحًا (پ 21 السجدة 12) **ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اسان کي وري موڪل تہ چڱا ڪم ڪريون.

پوءِ توکي جواب ڏنو ويندو: ”اي بيوقوف ۽ نادان! تون اتان تہ آيو آھين.“

اي فرزندِ دلبندا!

روح ۾ ھمّت پيدا ڪر، نفس جي خلاف جھاد ڪر ۽ موت کي پنھنجي ويجھو سمجھ، ڇو تہ تنھنجي منزل قبر آھي ۽ قبرستان وارا ھر گھڙي تنھنجي انتظار ۾ آھن تہ تون ڪڏھن تو وٽي انھن سان ملين؟ خبردار! خبردار! رستي جي ثمر ڪانسواءِ انھن وٽ وڃڻ ڪان ڊڄ.

## نيڪ بخت ۽ بد بخت

اميرالمؤمنين حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ارشاد فرمائن ٿا: ”ھي جسم پکين (يعني اھڙن خوشقسمت روحن) جي لاءِ پڃرا آھن (جيڪي ھر وقت مٿين دنيا ڏانھن اڏامڻ جي لاءِ بيتاب رھن ٿا) يا ھي جسم جانورن (يعني اھڙن روحن) جي لاءِ اصطبل آھن (جيڪي نيڪ عملن ڪان پري آھن)“

پوءِ تون پنھنجي پاڻ ۾ غور تہ ڪر، انھن بنھي مان تنھنجو واسطو ڪنھن سان آھي؟ جيڪڏھن تون مٿين دنيا ڏانھن اڏامڻ جي لاءِ بيتاب پکين منجھان آھين تہ پوءِ (موت جي وقت) اھو خوشگوار آواز ٻڌندين:

اِرۡجِعِیۡۤ اِلٰی رَبِّكِ (پ 30 الفجر: 28)

**ترجموڪنزالايمان**: پنهنجي ربّ جي طرف هن طرح واپس ٿي.

تہ پوءِ جلد ئي مٿانهين ڏانهن اڏامندي، جنت جي اعليٰ مقام تي وڃي پهچندين،

جهڙي ريت رحمت عالميان، سرور ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: اِهۡتَزَّ عَرۡشُ الرَّحۡمٰنِ لِمَوۡتِ سَعۡدِ بۡنِ مُعَاذ يعني سعد بن معاذ (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) جي وفات تي رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو عرش (خوشي ۽ فرحت وچان) جهومڻ لڳو. (صحيح بخاري حديث 3803 ج 2 ص 560)

۽ معاذالله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن تنهنجو شمار جانورن ۾ ٿيو جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

اُولٰٓئِكَ كَالۡاَنۡعَامِ بَلۡ هُمۡ اَضَلُّ (پ 9 الاعراف 179)

**ترجموڪنزالايمان**: اهي چوپائن وانگر آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ گمراهہ.

تہ اهڙي صورت ۾ هن دنيا مان سڌو جهنم جي باهہ ۾ پوڻ کان بي خوف نہ رهجان.

## تڌو پاڻي ڏسي بيهوش---!

هڪ دفعي حضرت سيدنا حسن بصري عليہ رحمۃُ اللہِ القوي جي خدمت ۾ تڌو پاڻي پيش ڪيو ويو. پيالو وٺندي ئي مٿن بيهوشي طاري ٿي وئي ۽ پيالو هٿ مبارڪ مان هيٺ ڪري پيو. جڏهن ڪجهہ دير ڪانپوءِ هوش آيو تہ ماڻهن پڇيو تہ: ”اي ابو سعيد! توهان کي ڇا ٿي ويو هو؟ فرمايائون مون کي دوزخ وارن جون اهي التجائون ياد اچي ويون جيڪي اهي جنت وارن سان ڪندا.“

اَنْ اَفِيْضُوْا عَلَيْنَا مِنَ الْمَآءِ اَوْ مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ (پ 8 الاعراف50)

**ترجموڪنزالايمان:** تہ اسان کي ڪجھ پاڻيءَ ڏيڻ جي مهرباني ڪريو يا انهي ڪاڌي مان جيڪي الله توهان کي عطا ڪيو آهي.

(حلية الاولياء رقم 8301 ج 6 ص 203)

# رڳو علم حاصل ڪرڻ ئي ڪافي ناهي

اي پيارا پٽ!

جيڪڏهن رڳو علم حاصل ڪرڻ ئي ڪافي هجي ها ۽ ان تي عمل جي ضرورت نہ هجي ها تہ صبح جو سوير منادي جو اهو اعلان اجايو هجي ها: هَلْ مِنْ سَائِلٍ؟ هَلْ مِنْ تَائِبٍ؟ هَلْ مِنْ مُّسْتَغْفِرٍ؟ يعني آهي ڪو پنهنجي حاجت گهرڻ وارو؟ آهي ڪو توبہ ڪرڻ وارو؟ آهي ڪو گناهن کان معافي گهرڻ وارو؟ (مسند امام احمد بن حنبل حديث 11295 ج 4 ص 69)

هڪ دفعي ڪجھ اصحابن سڳورن رضوان الله تعالي عليهم اجمعين رحمت عالم، نورمجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ڳالھ ڪئي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”نِعْمَ الرَّجُلُ عَبْدُ اللّٰهِ لَوْ كَانَ يُصَلِّيْ بِاللَّيْلِ يعني عبدالله هڪ سٺو شخص آهي، ڪيڏو نہ ڀلو ٿئي ها جو هو تهجّد بہ پڙهي ها.“

(صحيح مسلم حديث 2479 ص 1346)

هڪ دفعي تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن صحابي کي ارشاد فرمايو: لَاتُكْثِرِ النَّوْمَ بِاللَّيْلِ فَاِنَّ كَثْرَةَ النَّوْمِ بِاللَّيْلِ تَدَعُ صَاحِبَهُ فَقِيْرًا يَّوْمَ الْقِيَامَةِ يعني رات جو وڌيڪ نہ سمهندا ڪريو، ڇو تہ سڄي رات سمهڻ وارو (نفلي عبادت نہ ڪرڻ جي ڪري) قيامت جي ڏينهن (نيڪين جي سلسلي ۾) فقير هوندو. (شعب الايمان للبيهقي حديث، 4746 ج 4 ص 183)

## اي اکين جا نور!

الله عَزَّوَجَلَّ جو اهو فرمان عاليشان: وَ مِنَ الَّيۡلِ فَتَهَجَّدۡ بِهٖ (پ 15 بني اسرائيل 79) (**ترجموڪنزالايمان**: ۽ رات جي ڪجهه حصي ۾ تهجد پڙهو) هي ان جو حڪم آهي ۽ هي فرمان: وَ بِالۡاَسۡحَارِ هُمۡ يَسۡتَغۡفِرُوۡنَ (پ 26، الذاريات 18) (**ترجموڪنزالايمان**: ۽ پوئين رات بخشش گهرندا هئا) ان جو شُڪر آهي. (يعني توبهه جي قبوليّت جو دليل آهي)

۽ اهو جيڪو فرمايو ويو تہ وَالۡمُسۡتَغۡفِرِيۡنَ بِالۡاَسۡحَارِ (پ 3، آل عمران 17) (**ترجموڪنزالايمان**: رات جي پوئين پهر ۾ معافي گهرڻ وارا) اها الله عَزَّوَجَلَّ کان مغفرت گهرڻ واري جي ڳالهه آهي.

## الله تعاليٰ کي وڻندڙ آواز

حضور نبي پاڪ، صاحب لولاڪ، سياح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان دل نشين آهي: ثَلَاثَةُ اَصۡوَاتٍ يُحِبُّهَا اللهُ تَعَالٰى صَوۡتَ الدِّيۡكِ وَصَوۡتَ الَّذِیۡ يَقۡرَءُ الۡقُرۡاٰنَ وَ صَوۡتَ الۡمُسۡتَغۡفِرِيۡنَ بِالۡاَسۡحَارِ يعني الله تعاليٰ کي ٽي آواز پسند آهن: ﴿1﴾ ڪُڪڙ جو آواز (جيڪو صبح جو نماز جي لاءِ جاڳائيندو آهي) ﴿2﴾ قرآن پاڪ جي تلاوت جو آواز ﴿3﴾ صبح سوير پنهنجي گناهن کان معافي گهرڻ واري جو آواز. (فردوس الاخبار حديث 2538، ج 2 ص 101)

## فرشتي جي پڪار

حضرت سيدنا سفيان ثوري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوي ارشاد فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ هڪ هوا پيدا فرمائي آهي جيڪا صبح سحري جي وقت لڳندي آهي ۽ ان وقت الله تعاليٰ جي ذِڪر ۾ گم ۽ گناهن کان معافي گهرڻ ۾ مشغول خوش نصيبن جي آواز کي ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي

دربار ۾ پيش ڪندي آهي.

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اهو بہ ارشاد فرمايو تہ رات شروع ٿيڻ تي هڪ فرشتو عرش جي هينان ائين پڪاريندو آهي تہ هاڻي عبادت ڪندڙن کي اٿڻ گهرجي تہ عبادت ڪندڙ اٿندا آهن ۽ جيتري دير الله تعاليٰ چاهيندو آهي تہ نفل ادا ڪندا آهن. پوءِ جڏهن اڌ رات گذري ويندي آهي تہ فرشتو وري پڪاريندو آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جي فرمانبردارن کي اٿڻ گهرجي تہ اطاعت ڪندڙ پنهنجي هنڌن ۽ بسترن مان اٿي ڪري سحريءَ تائين عبادت ۾ مشغول ٿي ويندا آهن ۽ جڏهن سحريءَ جو وقت ٿيندو آهي تہ فرشتو وري هڪ دفعو پڪاريندو آهي: هاڻي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ معافي گهرڻ وارن کي بہ اٿڻ گهرجي تہ اهڙا خوشنصيب اٿندا آهن ۽ پنهنجي ربّ غفار عَزَّوَجَلَّ کان معافي گهرڻ شروع ڪندا آهن ۽ جڏهن فجر جو وقت شروع ٿيندو آهي تہ فرشتو پڪاريندو آهي: اي غافلؤ! هاڻي تہ اُٿو، تہ اهڙا ماڻهو پنهنجن بسترن مان ائين اٿندا آهن جيئن مئل هجن جن کي انهن جي قبرن مان ڪڍي پکيڙيو ويو آهي.“

اي فرزندِ دلبند!

حضرت سيدنا لقمان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نصيحتن مان اها بہ آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي پٽ کي ارشاد فرمايو تہ اي اکين جا نار! متان ڪڪڙ توکان وڌيڪ عقل مند ثابت نہ ٿئي جو اهو تہ صبح سوير اٿي ڪري بانگ ڏئي (پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ کي ياد ڪري) ۽ تون غفلت ۾ ستو پيو هجين.

(الجامع لاحكام القرآن، آل عمران تحت الاية 17 ج 3 ص31)

ڪنهن شاعر ڪهڙو نه خوب چيو آهي:

لَقَدْ هَتَفَتْ فِيْ جُنْحِ لَيْلٍ حَمَامَةٌ ... عَلٰى فَنَنٍ وَهْنًا وَ اِنِّيْ لَنَائِمٌ

كَذَبْتُ وَبَيْتِ اللّٰهِ لَوْ كُنْتُ عَاشِقًا ... لَمَا سَبَقَتْنِيْ بِالْبُكَاءِ الْحَمَائِمُ

وَ اَزْعَمُ اَنِّيْ هَائِمٌ ذُوْ صَبَابَةٍ ... لِرَبِّيْ فَلَا اَبْكِيْ وَ تَبْكِي الْبَهَائِمُ

ترجمو: ﴿1﴾ رات جو ڳيري ٽاريءَ تي ويهي پڪاري تي ۽ مان غفلت واري ننڊ ۾ آهيان.

﴿2﴾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مان پنهنجي عشق جي دعويٰ ۾ ڪوڙو آهيان. جيڪڏهن مان **الله** تعاليٰ جو سچو عاشق هجان ها ته ڳيري مون کان روئڻ ۾ نه ڪٽي ها.

﴿3﴾ ۽ منهنجو اجايو خيال هو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ سان تمام گهڻي محبت ڪرڻ وارن مان آهيان. هاءِ افسوس! جو جانور به روئن ٿا پر مان **الله** تعاليٰ جي محبت جو دعويدار ٿي ڪري به نٿو روئان. (ديوان حماسه، الجزء 2، ص 232)

## اطاعت ۽ عبادت جي حقيقت

اي پيارا پٽ!

علم جو مقصد اهو آهي ته توکي خبر پوي ته اطاعت ۽ عبادت ڇا آهي؟ ياد رک ته اَوامر ۽ نواهي (يعني فرض و واجب ۽ حرام و مڪروه) ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪرڻ جو نالو اطاعت ۽ عبادت آهي، پوءِ ڪٽي ان جو تعلق گفتار سان هجي يا ڪردار سان. يعني تنهنجو ڪجهه ڳالهائڻ ۽ نه ڳالهائڻ ۽ ڪجهه ڪرڻ يا نه ڪرڻ سڀ ڪجهه شريعت مطابق هئڻ گهرجي. مثال طور جيڪڏهن تون عيدالفطر يا تشريق جي ڏينهن (يعني 10،11،12،13 ذوالحج الحرام) ۾ روزا رکندين ته گنهگار ٿيندين يا غصب ڪيل ڪپڙن ۾

نماز پڙهندين تہ گنهگار ٿيندين. جيتوڻيڪ روزا ۽ نماز عبادت ٿي آهن (مگر شريعت انهيءَ انداز ۾ انهن جي اجازت نہ ڏني آهي)

اي فرزندِ دلبند!

مطلب تہ تنهنجو قول و فعل شريعت مطابق هئڻ گهرجي ڇو تہ جيڪو علم و عمل شريعت مطابق ناهي تہ اهو گمراهي آهي ۽ (بناوتي) صوفين جون طامات[1] ۽ شطحيات[2] کان ڌوڪو نہ کائجو، ان

---

1 طامات مان مراد نام نهاد صوفين جون اُهي تاويلون آهن جيڪي اُهي بنا ڪنهن شرعي دليل جي ڪندا آهن

2 هتي حُجَّةُ الاسلام حضرت سيدنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نام نهاد صوفين جي شريعت سان ٽڪراءُ ۾ اچڻ وارين ڳالهين کان بچڻ جي نصيحت فرمائي رهيا آهن مثال طور الله عَزَّوَجَلَّ سان محبت ۽ عشق جون وڏيون دعوائون ڪرڻ ۽ اهو چوڻ تہ اهي وصال الي الحق جي مرتبي تي فائز آهن وغيره وغيره شطحيات اصل ۾ صوفين جي هڪ اصطلاح آهي جنهن جو استعمال گمراهہ ماڻهن ۾ عام ٿي چڪو آهي. حالانڪ اهڙيون ڳالهيون ڪجهہ سچن صوفين کان بہ روايت ٿيل آهن. پر انهن اهي ڳالهيون بيهوشيءَ واري حالت ۾ ڪيون آهن ۽ هوش ۾ اچڻ کانپوءِ جڏهن ڪين اهو ٻڌايو ويو تہ انهن نہ رڳو پاڻ بہ اهڙين ڳالهين جو انڪار ڪيو، پر توبهہ ۽ استغفار بہ ڪيائون. ان ڪري صوفين وٽ استعمال ٿيندڙ مختلف اصطلاح بيان ڪندي حضرت علامہ عبدالمطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي ڪتاب "معمولات الابرار" ۾ لکن ٿا تہ صحو (هوشياري) سڪر (بيهوشي) صوفين سڳورن جون اهي ٻہ مشهور ڪيفيتون (حالتون) آهن ڪيترا تہ صوفي اهڙا آهن جيڪي الله تعاليٰ جي معرفت ۽ الله تعاليٰ سان ملڻ واري دولت سان مالا مال هئڻ کانپوءِ انهن کي الله تعاليٰ جي طرفان اهڙي ڪشادي ظرف سان نوازيو ويو جو ڪيفيت ۽ احوال کان مغلوب ٿي ڪري هوش ۽ عقل انهن جي هٿن مان نہ ويو ۽ انهن جي بيداري ۽ هوشياري ۾ هڪ پل جي لاءِ بہ خرابي پيدا نہ ٿي، انهن انسانن کي "ارباب صحو" چيو ويندو آهي ۽ ڪي اهي شيخ آهن جيڪي الله تعاليٰ جي معرفت ۾ ايترا تہ معمور ٿي ويندا آهن جو احوال ۽ ڪيفيتن جي حاوي هوندي بہ عقل و هوش وڃائي، بيداري ۽ هوشياري واري دنيا کان بيزار ٿي ڪري مست ۽ مدهوش رهندا آهن. انهن بزرگن کي "اربابِ سڪر" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. انهن ٿي آخر ۾ ذڪر ڪيل بزرگن کان ڪڏهن ڪڏهن مستي ۽ مدهوشيءَ ۾ اوچتو ئي ڪي اهڙا جملا نڪري ويندا آهن جيڪي ظاهر ۾ شريعت جي خلاف هوندا آهن. اهڙن جملن ۽ ڳالهين کي صوفين جي اصطلاح ۾ شطحيات چئبو آهي. اهي بزرگ جن کان شطحيات ٿيون تمام گهٽ تعداد ۾ ٿي گذريا آهن ۽ اها بہ روايت آهي تہ شطحيات جي ٿيڻ کانپوءِ جڏهن انهن جو هوش ۽ حواس بحال ٿيو تہ انهن نہ صرف انهن جملن کان لاعلميءَ جو اظهار ڪيو، پر بيزاري ۽ استغفار بہ ڪين. (معمولات ابرار ص 83 جمال ڪرم لاهور)

ڪري جو سلوڪ جون منزلون ته نفس جي لذتن ۽ خواهشن کي مجاهدي جي تلوار سان ڪٽڻ سان طئي ٿينديون آهن (انهن بناوٽي صوفين جي) اجائي ۽ فضول بڪواس سان طئي ناهن ٿينديون (جو ته الله جو دوست بڻجڻ جي لاءِ توکي پير ڪامل جي تربيت مطابق مجاهدو ڪرڻو پوندو، جڏهن ته ڪنهن بي عمل صوفي جي شعبده بازين کان متاثر ٿي، اُن کي پنهنجي ڪاميابي ۽ منزل تائين رسائي جي لاءِ ڪافي قرار ڏيڻ بي وقوفي جي سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي) ۽ انهي ڳالهه کي چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏ ته زبان جو بيباڪ هجڻ ۽ دل جو غفلت ۽ شهوت سان ڀريل هجڻ ۽ دنيوي خيالن ۾ ٻڏل رهڻ شقاوت ۽ بدبختي جي علامت آهي، جيستائين نفس جي خواهشن کي ڪامل مجاهدي ۽ رياضت سان ختم نه ڪندين اُن وقت تائين تنهنجي دل ۾ معرفت جا نور نه جڳمڳائيندا

## ڪي ڳالهيون زبان سان بيان نه ٿيون ٿي سگهن

اي پيارا پٽ!

تو ڪي اهڙا مسئلا مون کان پڇيا آهن جن جو جواب لکت ۾ ۽ زباني طور تي چڱيءَ طرح بيان نه ٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن تون ان مرتبي تي پهتين ته توکي پاڻهي ان حقيقت جي خبر پئجي ويندي ۽ جيڪڏهن ائين نه ٿي سگهيو ته انهن جو ڄاڻڻ محال آهي. ڇو ته انهن جو تعلق ذوق سان آهي ۽ هر اها شيءِ جنهن جو تعلق ذوق سان هجي ان کي زباني بيان نه ٿو ڪري سگهجي. جيئن مٺي شيءِ جي مناڻ ۽ ڪڙي شيءِ جي ڪوڙاڻ کي صرف چکي ڪري ئي سڃاڻي سگهجي ٿو.

منقول آهي تہ ڪنهن نامرد پنهنجي دوست کي لکيو تہ هو همبستري جي لذت ٻڌائي تہ ان جي دوست جواب ۾ لکيس تہ مان تہ توکي صرف نامرد سمجهندو هئس پر هاڻ مون کي خبر پئي تہ نامرد هئڻ سان گڏوگڏ تون بيوقوف بہ آهين ڇو تہ ان لذت جو تعلق تہ ذوق سان آهي. پوءِ جيڪڏهن تون همبستريءَ جي طاقت حاصل ڪري ورتي تہ ان جي لذت کان بہ واقف ٿي ويندين، نہ تہ اها لفظن ۾ بيان نہ ٿي ڪري سگهجي.

اي فرزندِ دلبند!

تنهنجا ڪي مسئلا تہ اهڙي قسم جا آهن، جيئن مون هاڻي بيان ڪيا، پر ڪي مسئلا اهڙا بہ آهن جن جو جواب ڏئي سگهجي ٿو ۽ اسان انهن مسئلن کي پنهنجي ڪتاب "اِحياءُ العُلُوم" وغيره ۾ تفصيل سان بيان ڪري ڇڏيو آهي پر هتي اسان انهن مان ڪن جو بيان ڪيون ٿا ۽ ڪن ڏانهن اشارو ڪريون ٿا.

## مريد جي لاءِ ضروي ڳالهيون

سالڪ (مريد) جي لاءِ 4 ڳالهيون ضروري آهن:

﴿1﴾ اهڙو صحيح عقيدو رکڻ جنهن ۾ بدعت شامل نہ هجي.

﴿2﴾ اهڙي سچي توبهہ ڪرڻ جو وري گناهن ڏانهن نہ موٽي.

﴿3﴾ جيڪي ناراض هجن، انهن کي راضي رکڻ تہ جيئن ان تي ڪنهن جو ڪو حق باقي نہ رهي.

﴿4﴾ ايترو دين جو علم حاصل ڪرڻ جو الله تعاليٰ جي احڪامن کي بهتر طريقي سان ادا ڪري سگهي ۽ پڻ ايترو آخرت جو علم هئڻ ضروري آهي جيڪو ڇوٽڪاري جو سبب ٿي سگهي.

# چار هزار حديثن مان صرف هڪ

حضرت سيدنا شيخ شبلي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القَوِي ارشاد فرمايو تہ مون 400 عالمن سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي خدمت ۾ رهي ڪري چار هزار حديثون پڙهيون ۽ پوءِ انهن مان صرف هڪ حديث شريف کي منتخب ڪيو ۽ ان تي عمل ڪرڻ لڳس ڇو تہ مون جڏهن ان حديث پاڪ تي گهڻو غور و فڪر ڪيو تہ عذاب کان ڇوٽڪارو ۽ پنهنجي نجات ۽ ڪاميابي ۽ اڳين ۽ پوين جا علم ان ۾ ڏٺا ان ڪري ان حديث مبارڪ کي عمل جي لاءِ ڪافي سمجهيم، اُها عظيم ۽ عاليشان حديث هي آهي:

نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڪنهن صحابي کي ارشاد فرمايو: اِعۡمَلۡ لِدُنۡيَاكَ بِقَدۡرِ مَقَامِكَ فِيۡهَا وَ اعۡمَلۡ لِاٰخِرَتِكَ بِقَدۡرِ بَقَائِكَ فِيۡهَا وَاعۡمَلۡ لِلّٰهِ بِقَدۡرِ حَاجَتِكَ اِلَيۡهِ وَاعۡمَلۡ لِلنَّارِ بِقَدۡرِ صَبۡرِكَ عَلَيۡهَا يعني جيترو دنيا ۾ رهڻو آهي، اوترو دنيا جي لاءِ ۽ جيترو وقت آخرت ۾ رهڻو آهي اوترو آخرت جي لاءِ عمل ڪر ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ايترو عمل (عبادت ڪر) جيترو تون ان جو محتاج آهين ۽ دوزخ جي باهہ لاءِ ايترو عمل (گناهہ) ڪر جيترو تون برداشت ڪري سگهين.

(تفسير روح البيان، سورة ص تحت الآية 29 ج 8 ص 25)

اي اکين جا ٺار!

جڏهن تون هن حديث پاڪ تي عمل ڪندين تہ پوءِ توکي گهڻي علم جي ضرورت ئي نہ رهندي.

# 30 سالہ شاگردي جي دور جو نچوڙ

عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ ٻي حڪايت ٻڌ. حضرت

**سيدنا حاتم اَصم** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَکَم **حضرت سيدنا شقيق بلخي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِي جا شاگرد هئا. هڪ ڏينهن استاد صاحب انهن کان پڇيو ته اوهان 30 سالن کان منهنجي صحبت ۾ رهيا آهيو، ايتري عرصي ۾ اوهان ڇا حاصل ڪيو؟ ته **حضرت سيدنا حاتم اَصم** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَکَم عرض ڪيو: ته ”مون علم جا 8 فائدا حاصل ڪيا آهن جيڪي منهنجي لاءِ ڪافي آهن ۽ مون کي اميد آهي ته انهن تي (اخلاص ۽ استقامت سان) عمل جي صورت ۾ منهنجو ڇوٽڪارو آهي“ **حضرت سيدنا شقيق بلخي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِي جن جڏهن انهن فائدن جي باري ۾ پڇيو ته پاڻ اُهي فائدا هن ريت بيان ڪيا:

(**1**) پهريون فائدو:

مون ماڻهن کي گهري نظر سان ڏٺو ته انهن مان هر هڪ جو ڪو نه ڪو محبوب ۽ معشوق آهي جنهن سان هو عشق ۽ محبت جي دعويٰ ڪري ٿو. پر ماڻهن جا محبوب اهڙا آهن جو انهن مان ڪي ته موت جي مرض تائين ساٿ ڏين ٿا ته ڪي قبر تائين پوءِ سيئي واپس هليا ٿا وڃن ۽ ان کي قبر ۾ اڪيلو ٿا ڇڏي ڏين ۽ انهن مان ڪو به انهن سان گڏ قبر ۾ نه ٿو وڃي، ان ڪري مان غور و فڪر ڪرڻ کان پوءِ دل ۾ چيم ته ٻانهي جو سٺو محبوب ۽ بهترين دوست ته اهو آهي جيڪو ان سان گڏ قبر ۾ وڃي ۽ اتان جي وحشت ۽ پريشانين جي وقت ۾ ان جو ساٿي ۽ غمخوار هجي ته مون کي نيڪ عملن کانسواءِ ڪو به ان جهڙو نظر نه آيو. ته پوءِ مان نيڪ عملن کي پنهنجو محبوب بڻايو ته جيئن اهي منهنجي لاءِ قبر جي (اونداهين) ۾ چراغ بڻجن. اتي منهنجي دل کي آٿت ڏين ۽ مون

کي اڪيلو نہ ڇڏين.

(2) ٻيو فائدو:

مون ڏٺو تہ ماڻهو پنهنجي خواهشن جي پيروي تا ڪن ۽ نفس جي خواهشن ڏانهن تيزيءَ سان وڌن تا. تہ پوءِ مون ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي ان عظيم فرمان تي غور ڪيو:

وَ اَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ نَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰىۙ(۴۰) فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِیَ الْمَاْوٰىؕ(۴۱) (پ 30 النازعات 40، 41)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪو پنهنجي رب جي حضور بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيائين پوءِ بيشڪ جنت ئي (ان جي) جاءِ آهي.

منهنجو ايمان آهي تہ قرآن حڪيم حق ۽ اللّٰہ تعاليٰ جو سچو ڪلام آهي. بس مون پنهنجي نفس جي مخالفت شروع ڪري ڇڏي..... رياضت ۽ مجاهدن ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ نفس جي ڪا بہ خواهش پوري نہ ڪئي، ايتري تائين جو اهو اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري تي راضي ٿي ويو ۽ پنهنجو متو جهڪائي ڇڏيائين.

(3) ٽيون فائدو:

مون ڏٺو تہ هر ماڻهو دنيا جو مال و دولت گڏ ڪرڻ ۽ ان کي ذخيرو ڪرڻ ۾ رُڌل آهي تہ مان اللّٰہ تعاليٰ جي ان لازوال فرمان تي غور ڪيو:

مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ (پ 14 النحل 96)

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي توهان وٽ آهي سو ختم ٿي ويندو ۽ جيڪي اللّٰہ وٽ آهي هميشہ رهندڙ آهي.

بس! مان جيڪو ڪجهہ گڏ ڪيو هو، اهو اللّٰہ تعاليٰ جي رضا جي

لاءِ فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيو ته جيئن اهو الله تعاليٰ وٽ ذخيرو ٿي وڃي (۽ مون کي آخرت ۾ ان مان فائدو پهچي)

(**4**) چوٿون فائدو:

مون ڏٺو ته ڪن ماڻهن جي نزديڪ شان و شوڪت ۽ عزت و شرافت، قومن ۽ قبيلن جي گهڻائي ۾ آهي تنهنڪري اهي اهڙي قوم ۽ قبيلي سان تعلق رکڻ ۾ پاڻ کي عزت ۽ تڪريم وارو سمجهندا آهن. ڪن جو اهو خيال آهي ته عزت ۽ شان و شوڪت، دولت جي ڪثرت ۽ اهل عيال جي گهڻائي ۾ آهي. اهڙا ماڻهو پنهنجي دولت ۽ اولاد تي فخر ڪندا آهن ڪي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي پنهنجي عزت و شرافت، ٻين جو مال ڦرڻ، انهن تي ظلم ڪرڻ ۽ انهن جي قتل ڪرڻ ۾ سمجهندا آهن. ڪي ماڻهو سمجهندا آهن ته مال ضايع ڪرڻ (اسراف) ۽ اجايو خرچ ۾ ئي عزت بزرگي پوشيده آهي. پوءِ مان الله عَزَّوَجَلَّ جي هن فرمان ذيشان تي غور ڪيو.

اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ (پ 26 الحجرات 13)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ الله وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي.

ته پوءِ مان تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪئي ۽ پختو يقين ڪيو ته الله تعاليٰ جو ڪلام حق ۽ سچ آهي ۽ ماڻهن جا گمان، نظريا سڀ ڪوڙا ۽ باطل آهن.

(**5**) پنجون فائدو:

مون ڏٺو ته ماڻهو هڪٻئي جي برايون بيان ڪن ٿا ۽ وڌيڪ غيبت جا شڪار ٿين ٿا. انهن جي سببن تي غور ڪيم ته خبر پئي

تہ اهو سڀ ڪجهہ حسد جي ڪري ٿي رهيو آهي ۽ ان حسد جو اصل سبب شان و شوڪت، مال و دولت ۽ علم آهي تہ مون قرآن ڪريم جي هن آيت تي غور ڪيو:

نَحۡنُ قَسَمۡنَا بَيۡنَهُمۡ مَّعِيۡشَتَهُمۡ فِي الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا (پ 25 الزخرف 32)

**ترجموڪنزالايمان:** اسان ئي تہ انهن ۾ سندن جياپي جو سامان دنيا جي زندگي ۾ ورهايو.

تہ مان ان ڳالهہ کي چڱي طرح سمجهي ويس تہ مال و دولت ۽ شان و شوڪت جي ورهاست الله عَزَّوَجَلَّ ازل کان ئي ڪري ڇڏي آهي (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جنهن جي لاءِ جيڪو گهريو اهو مقدر فرمائي ڇڏيائين). ان ڪري مان ڪنهن سان بہ حسد نٿو ڪريان ۽ ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي تقسيم ۽ تقدير تي راضي آهيان.

(6) ڇهون فائدو:

مان ماڻهن تي نظر وڌي تہ انهن کي هڪٻئي سان ڪنهن مطلب ۽ سبب جي ڪري عداوت ۽ دشمني ڪندي ڏٺو ۽ مان الله تعاليٰ جي ان مقدس فرمان تي خوب غور ڪيو.

اِنَّ الشَّيۡطٰنَ لَكُمۡ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوۡهُ عَدُوًّا (پ 22 الفاطر 6)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي پوءِ توهان بہ ان کي دشمن سمجهو.

تہ مون کي خبر پئي تہ شيطان جي دشمنيءَ کانسواءِ ڪنهن ٻئي سان دشمني صحيح ناهي.

(7) ستون فائدو:

مون ڏٺو تہ هر شخص روزي ۽ معاش جي ڳولا ۾ ڪافي محنت ۽ ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي. ۽ ان سلسلي ۾ حلال ۽ حرام ۾

۽ فرق نہ تو ڪري، پر شڪ واري ۽ حرام ڪمائيءَ کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ذليل ۽ خوار ٿي رهيو آهي، ان ڪري مان ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي ان فرمانِ عاليشان تي غور ڪيو:

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِی الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا (پ 12 هود 6)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ زمين تي چرندڙ ڪا بہ شيءِ اهڙي نہ آهي جنهن جو رزق الله جي ڪرم جي ذمي نہ هجي.

تہ پوءِ مون يقين ڪري ورتو، منهنجو رزق **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ذمي ۽ ڪرم تي آهي تہ پوءِ مان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويس ۽ غير جي خيال کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو.

(**8**) اٺون فائدو:

مون ڏٺو تہ هر ڪو شخص ڪنهن نہ ڪنهن تي ڀروسو ڪيو وينو آهي. ڪنهن جو ڀروسو دِرهم ۽ دينار تي آهي تہ ڪنهن جو مال ۽ حڪومت تي. ڪنهن جو ڪارخاني ۽ هنر تي. ۽ ڪوتہ پاڻ جهڙن ماڻهن تي ڀروسو ڪريو وينو آهي. تہ مون کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي هن فرمان عاليشان مان رهنمائي حاصل ٿي.

وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ؕ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَیْءٍ قَدْرًا ﴿۳﴾ (پ 28 الطلاق 3)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪو الله تي ڀروسو رکي تہ اهو ان کي ڪافي آهي بيشڪ الله پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ وارو آهي. بيشڪ الله هر شيءِ جو هڪ اندازو رکيو آهي.

بس! مون **الله** عَزَّوَجَلَّ تي يقين ڪيو، اهو منهنجي لاءِ ڪافي آهي ۽ اهو بهترين ڪارساز آهي. جڏهن حضرت سيدنا شقيق بلخي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي اهي اٺ فائدا ٻڌا تہ ارشاد فرمايو تہ اي حاتم! **الله** عَزَّوَجَلَّ توکي

(اخلاص ۽ استقامت سان) انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق سان مالا مال فرمائي. مون توريت، انجيل، زبور ۽ قرآن پاڪ جي حڪمن تي غور ڪيو تہ انهن سڀني مقدس ڪتابن کي انهن انن فائدن تي مشتمل ڏٺو تہ جنهن خوش نصيب انهن تي عمل ڪيو ڄڻ تہ انهن چئني ڪتابن تي عمل ڪيو.

## مُرشد جي اهميّت ۽ ضرورت

اي فرزندِ دلبند!

انهن ٻنهي حڪايتن مان توکي خبر پئجي وئي هوندي تہ توکي وڌيڪ ۽ غير ضروري علم جي ضرورت ناهي (پر عمل جي ضرورت آهي) هاڻي مان توکي انهن ڪمن کان آگاھ ڪريان ٿو تہ حق جي واٽ جي سالڪ (يعني هلڻ واري) تي ڪهڙيون ڳالهيون لازمي آهن.

اها ڳالھ ذهن ۾ ويهاري ڇڏ تہ سالڪ جي رهنمائي ۽ تربيت ڪرڻ جي لاءِ هڪ شيخ (يعني ڪامل مرشد) جي ضرورت پوندي آهي. تہ جيئن اهو پنهنجي خاص تربيت سان مريد جي خراب اخلاق کي پاڙئون پٽي ڇڏي ۽ انهيءَ جاءِ تي سهڻي اخلاق جو ٻج پوکي ڇڏي. تربيت جو مثال بلڪل ائين آهي جيئن هڪ هاري پنهنجي ٻني ٻاري مان غير ضروري گاھ ۽ ٻوٽا ڪڍي ڇڏيندو آهي تہ جيئن فصل سائو رهي ۽ ان جي واڌ ويجهہ متاثر نہ ٿئي. اهڙي طرح حق جي واٽ جي سالڪ جي لاءِ هڪ اهڙي ڪامل مرشد جو هئڻ نهايت ئي ضروري آهي جيڪو ان جي سهڻي طريقي سان تربيّت ڪري ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رستي ڏانهن ان جي رهنمائي ڪري، ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ پنهنجن نبين

۽ رسولن عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ان ڪري مبعوث فرمايو تہ جيئن اهي ماڻهن کي الله تعاليٰ جو رستو ٻڌائين پر جڏهن آخري رسول حضور خاتمُ النبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جهان مان پردو فرمائي ويا (۽ نبوت ۽ رسالت جو سلسلو مٿن ختم ٿي ويو) تہ ان عظيم منصب کي خلفاءِ راشدين رِضۡوَانُ اللهِ تعاليٰ عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن نائب هئڻ جي حيثيت سان سنڀالي ورتو ۽ ماڻهن کي حق جي رستي تي آڻڻ جي ڪوشش فرمائيندا رهيا.

## ڪامل پير جو عالم هئڻ ضروري آهي

ياد رهي تہ حضور نبي ڪريم، رؤف رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نائب ٿيڻ جي لاءِ "ڪامل پير" جو (عالم) هئڻ شرط آهي. پر انهيءَ ڳالهہ جو بہ خيال رهي تہ هر عالم رحمت عالميان، مکي مدني سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نائب ٿيڻ جي صلاحيت نہ ٿو رکي.[1]

1 دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 137 صفحن تي مشتمل ڪتاب "آداب مرشد ڪامل" جي صفحي 14 تان 16 تي آهي: اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عليہ رحمة الرحمٰن فتاويٰ افريقہ ۾ لکن ٿا تہ مرشد جا ٻہ قسم آهن (1) مرشد اتصال (2) مرشد ايصال ﴿1﴾ مرشد اتصال: يعني جنهن جي هٿ تي بيعت ڪرڻ سان انسان جو سلسلو حضور پر نور سيدالمرسلين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي. ان جي لاءِ چار شرط آهن.

**پهريون شرط**: مرشد جو سلسلو صحيح اتصال (يعني صحيح واسطن سان تعلق) حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچندو هجي. وچ ۾ منقطع (يعني جدا) نہ ٿئي، جو منقطع جي ذريعي اتصال ناممڪن آهي. ڪي ماڻهو بنا بيعت جي(يعني مريد ٿيڻ) ڪانسواءِ وارث هئڻ جي گمان ۾ پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي گاديءَ تي ويهي رهندا آهن يا بيعت تہ ٿيو پر خلافت نہ مليس يا (اجازت) ڪانسواءِ مريد ڪرڻ شروع ڪندا آهن، سلسلو تہ اهو هو پر ختم ڪيو ويو، ان ۾ فيض نہ رکيو ويو، ماڻهو لالچ جي ڪري ان ۾ اجازت ۽ خلافت ڏئي ڇڏيندا آهن. يا اصلاً سلسلو تہ صحيح هو، پر وچ ۾ اهڙو ڪو شخص آيو جيڪو ڪي شرط نہ هئڻ جي ڪري بيعت جي لائق نہ هو. ان مان جيڪا شاخ نڪتي اها وچ ۾ منقطع آهي. انهن سڀني حالتن ۾ ان بيعت مان ڪڏهن بہ اتصال (يعني تعلق) حاصل نہ ٿيندو. (ڏاند کان کير ۽ سنڍ عورت کان ٻار گهرڻ واري معاملو جدا آهي)

**ٻيو شرط**: مرشد سُنّي صحيح عقيدي وارو هجي. بد مذهب گمراه جو سلسلو شيطان تائين پهچندو نہ ڪي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين، اڄ ڪلهہ ڪيترائي کلم کلا بد دين بلڪ

# ڪامل پير جا 26 اوصاف

هاڻي اسين ”ڪامل پير“ جون ڪجھ نشانيون مختصر بيان ڪريون ٿا تہ جيئن هر ڪو ڪامل پير هئڻ جي دعويٰ نہ ڪري:

﴿1﴾ ڪامل پير اهو آهي جنهن جي دل ۾ دنيا جي محبت ۽ عزت و مرتبي جو شوق نہ هجي ﴿2﴾ اهو اهڙي ڪامل مرشد سان بيعت ٿيل هجي جيڪو بصيرت جي نور سان مالا مال هجي ﴿3﴾ ان جو سلسلو رحمت عالم، نور مجسّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تائين متصل ۽ مليل هجي ﴿4﴾ نيڪ عمل ڪندڙ هجي ﴿5﴾ نفس رياضت جو عادي هجي ﴿6﴾ گهٽ ڪائيندڙ ﴿7﴾ گهٽ سمهندڙ ﴿8﴾ گهٽ ڳالهائيندڙ ﴿9﴾ نفلن جي ڪثرت ﴿10﴾ وڏيڪ روزا رکندڙ ﴿11﴾ ۽ وڏ مان وڏ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جهڙا نيڪ عمل ڪندڙ هجي ﴿12﴾ ان ڪانسواءِ اهو ڪامل پير،

---

بي دين جيڪي بيعت جا شروع ڪان وٺي منڪر ۽ ولين جا دشمن آهن. مڪاري ۽ ٺڳيءَ سان پيري مريدي جو ڄار ڦهلايو ويٺا آهن. هوشيار، خبردار، احتياط، احتياط.

**ٽيون شرط**: مرشد عالم هجي يعني گهٽ ۾ گهٽ ايترو علم هئڻ ضروري آهي تہ ڪنهن جي مدد ڪانسواءِ پنهنجا ضروري مسئلا ڪتابن مان ڳولي سگهي. ڪتابن جي پڙهڻ (يعني مطالعو ڪرڻ) افواه رجال (يعني ماڻهن ڪان پڇڻ ڪري) بہ عالم ٿي سگهي ٿو. (مطلب تہ فارغ التحصيل ٿي سَنَد ملڻ نہ ڪو شرط آهي ۽ نہ ئي ضروري، پر علم هئڻ گهرجي) فقه جو علم (يعني شريعت جا احڪام) ان جي پنهنجي ضرورت جي لاءِ ڪافي ۽ اهلسنت جي عقيدن ڪان پوري طرح واقف هجي، ڪفر ۽ اسلام ، گمراهي ۽ هدايت جي فرق جو گهڻو علم رکندو هجي.

**چوٿون شرط**: مرشد فاسق معلن (يعني اعلانيہ گناه ڪندڙ) نہ هجي انهي شرط تي اتصال جو حصول موقوف ناهي يعني حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان تعلق جو دارو مدار ان شرط تي ناهي، جو فجور و فسق باعث فسخ (منسوخ هجڻ جو سبب) ناهي پر پير جي تعظيم لازم آهي ۽ فاسق جي توهين واجب ۽ ٻنهي جو گڏ ٿيڻ باطل آهي (ان کي امامت جي لاءِ اڳيان ڪرڻ ۾ ان جي تعظيم آهي ۽ شريعت ۾ ان جي توهين واجب آهي) ﴿2﴾ مرشد اتصال يعني ذڪر ڪيل شرط سان گڏو گڏ (1) مفاسد نفس (نفس جي فتنن) (2) مڪائد شيطان (شيطاني مڪرن) ڪان ۽ (3) مصائد هوا (نفس جي ڄارن) ڪان آگاهہ هجي (4) ٻين جي تربيت ڪرڻ ڄاڻندو هجي (5) پنهنجي متوسل تي شفقت رکندو هجي، ان جي عيبن تي ان کي باخبر ڪري، ان جو علاج ٻڌائي ۽ (6) جيڪي مشڪلاتون انهي راهہ ۾ اچن انهن کي حل فرمائي. (فتاويٰ افريقہ ص 138)

پنهنجي مرشد ڪامل جو مڪمل تابعداري ڪرڻ جي ڪري صبر ﴿13﴾ نماز ﴿14﴾ شڪر ﴿15﴾ توڪل ﴿16﴾ يقين ﴿17﴾ سخاوت ﴿18﴾ قناعت ﴿19﴾ مطمئن نفس وارو ﴿20﴾ بردبار ﴿21﴾ انڪسار ﴿22﴾ علم ﴿23﴾ صدق ﴿24﴾ وفا ﴿25﴾ حيا ﴿26﴾ وقار ۽ سڪون جهڙين سهڻين وصفن جو مالڪ هجي.

ان ڪري جيڪو ڪامل پير انهن صفتن جو مالڪ هجي اهو حضور اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ انوار منجهان هڪ نور بڻجي ويندو آهي ۽ ان لائق ٿي ويندو آهي ته ان جي پيروي ڪئي وڃي اهڙي ”ڪامل پير“ جو ملڻ تمام ڏکيو آهي ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي رحمت، خوش قسمتي ۽ سعادت مندي ساٿ ڏئي ۽ اهڙين صفتن واري ”ڪامل پير“ تائين پهچي وڃو ۽ اُهو ڪامل پير به ان کي پنهنجن مريدن ۾ قبول فرمائي ته پوءِ ان مريد جي لاءِ لازمي ۽ ضروري آهي ته پنهنجي ”ڪامل پير“ جو ظاهري و باطني هر قسم جو ادب ۽ احترام ڪري.

## پير ۽ مرشد جو ظاهري احترام

پير ۽ مرشد جو ظاهري ادب ۽ احترام اهو آهي ته:

۞ مريد شيخ سان بحث مباحثو نه ڪري ۽ نه ان جي ڪنهن ڳالهه تي اعتراض ڪري توڙي جو ان جي ناقص علم مطابق شيخ غلطي تي هجي (تنهن ڪري ان کي پنهنجي سمجهه جو قصور تصوّر ڪري)

۞ شيخ جي سامهون ڪجهه وڇائي نه ويهي (نه جيئن نمايان نظر اچي بلڪ عاجزي ۽ نوڙت جو پيڪر بڻيل رهي) البت فرض نمازن جي وقت مصلّو وڇائي سگهي ٿو ۽ نماز مان فارغ ٿيندي ئي فوراً ويڙهي ڇڏي.

۞ شيخ جي موجودگي ۾ وڌيڪ نفل پڙهڻ کان پاسو ڪري (ڪامل پير جي صحبت ۽ خدمت کي وڏي سعادت سمجهي)
۞ شيخ جي هر حڪم تي پنهنجي طاقت مطابق عمل ڪري.

## پير و مرشد جو باطني احترام

باطني احترام اهو آهي ته سالڪ پير و مرشد جي موجودگيءَ ۾ جيڪي ڳالهيون بڌي قبول ڪري، اُنهن جي غير موجوگيءَ ۾ پنهنجي قول و فعل سان انهن جو انڪار نه ڪري نه ته منافق سڏبو. جيڪڏهن ائين نه ٿو ڪري سگهي ته پوءِ چڱو اهو آهي ته شيخ جي صحبت کان الڳ ٿي وڃي، ايتري تائين جو ان جو ظاهر ۽ باطن هڪ ٿي وڃي.

## بد عقيده ماڻهن جي صحبت کان پرهيز

مريد ۽ سالڪ کي گهرجي ته خراب ۽ بدعقيده ماڻهن جي صحبت کان دور رهي ته جيئن دل ۾ شيطاني انسانن ۽ شيطاني جنن جي وسوسن کان بچي سگهي. شيطان جي شرّ کان دل کي پاڪ رکڻ جو اهوئي طريقو آهي (۽ مريد کي گهرجي ته) هر حال ۾ فقيريءَ کي اميريءَ تي فوقيت ڏئي.

## تصوف جي حقيقت

ڄاڻي وٺو! (تصوف جون ٻه اهم خصلتون آهن)
(1) استقامت (2) حُسنِ اخلاق. پوءِ جنهن استقامت اختيار ڪئي ۽ ماڻهن سان بردباري ۽ سهڻن اخلاقن سان پيش آيو ته اهو صوفي آهي.
﴿1﴾ استقامت مان مراد هي آهي ته نفساني خواهشن کي پنهنجي

نفس جي (اخروي) ڀلائي جي لاءِ قربان ڪري ڇڏي.

﴿2﴾ ۽ ماڻهن سان سهڻن اخلاقن جو مطلب اهو آهي ته انهن تي پنهنجي نفس جي خواهش ۽ مرضي نه مڙهي بلڪ نفس کي اُنهن جي خواهش ۽ مرضيءَ مطابق هلائي جيستائين اُهي شريعت جي مخالفت نه ڪن. (ڇو ته شريعت جي خلاف ورزي، گناهه ۽ نافرماني ۾ مخلوق جي اطاعت ڪرڻ جائز ناهي)

## بندگي جي حقيقت

اي فرزندِ دلبند!

تو مون کان بندگي جي باري ۾ پڇيو آهي ته پوءِ اهو سمجهي ڇڏ ته بندگي ٽن شين جو نالو آهي.

﴿1﴾ شريعت جي حڪمن جي پابندي ڪرڻ.

﴿2﴾ الله تعاليٰ جي ورهاست ۽ تقدير تي راضي رهڻ.

﴿3﴾ الله تعاليٰ جي رضا جي لاءِ پنهنجي خوشي قربان ڪرڻ.

## توڪل جي حقيقت

تنهنجو هڪ سوال توڪل جي باري ۾ آهي. توڪل اهو آهي ته تون ان ڳالهه تي پڪو يقين رک ته الله تعاليٰ جيڪو واعدو فرمايو آهي يعني جيڪو ڪجهه تنهنجي مقدّر ۾ لکي ڇڏيو آهي اهو هر حال ۾ توهان کي ملندو، پوءِ ڪٿي سڄي دنيا ان جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪري. پر جيڪو تنهنجي تقدير ۾ ناهي لکيل ان کي (حاصل ڪرڻ جي لاءِ) تون ۽ سمورو جهان ملي ڪري جيتري وڏي ڪوشش ڪري، توهان کي ان مان ڪجهه به نه ملندو.

# اخلاص جي حقيقت

تو اهو بہ پڇيو آهي تہ اخلاص ڇا آهي؟ اخلاص اهو آهي تہ تنهنجو هر عمل صرف **الله** تعاليٰ جي رضا جي لاءِ هجي ۽ ان عمل جي ڪري تون ماڻهن جي تعريف ۽ توصيف مان نہ راحت محسوس ڪرين ۽ نہ ئي انهن جي مذمّت جي پرواھ ڪرين.

# ڏيکاءُ ۽ ان جو علاج

ياد رک! ڏيکاءُ مخلوق کي وڏو سمجهڻ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. ان جو علاج اهو آهي تہ تون ماڻهن کي **الله** تعاليٰ جي قدرت جي سامهون مُسَخّر (يعني تابع) خيال ڪر ۽ ڏيکاءُ کان بچڻ جي لاءِ انهن کي جمادات (يعني پٿرن) وانگر سمجھہ، ان ڪري جو اهي بہ انهن وانگر نفعي ۽ نقصان پهچائڻ تي قدرت نٿا رکن. ڇو تہ جيستائين تون ماڻهن کي نفعي ۽ نقصان تي قادر سمجهندو رهندين تيستائين ڏيکاءُ جهڙي خطرناڪ مرض کان بچي نہ سگهندين.

# علم تي عمل جي برڪت

اي نور نظر!

تنهنجا باقي سوال اهڙا آهن جن مان ڪن جا جواب اسان جي ڪتابن (يعني ”اِحياءُ العُلُوم ۽ مِنهاجُ العَابِدين“ وغيرہ) ۾ **لکيل آهن**. انهن کي اتان تلاش ڪر ۽ ڪي سوال اهڙا آهن جن جو جواب لکڻ منع آهي. ان ڪري جيترو علم تو وٽ آهي ان تي عمل ڪر تہ جيئن جنهن جي توکي خبر ناهي، اهو بہ توتي ظاهر ۽ کلي وڃي. ان ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، منزه عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جو خوشبودار فرمان آهي تہ مَنۡ عَمِلَ بِمَاعَلِمَ وَرَّثَهُ اللهُ عِلۡمَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡ يعني جنهن پنهنجي علم تي عمل ڪيو تہ اللّٰہ تعاليٰ ان کي اهو علم بہ عطا فرمائيندو جيڪو هو نٿو ڄاڻي. (حلية‌الاولياء رقم 14320 ج 10 ص 13)

اي فرزندِ دلبند!

اڄ ڪان پوءِ توکي جيڪا بہ تڪليف پهچي تہ مون کان رڳو دل جي زبان سان پڇجانءِ ان ڪري جو اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو تہ

وَلَوۡ اَنَّهُمۡ صَبَرُوۡا حَتّٰى تَخۡرُجَ اِلَيۡهِمۡ لَكَانَ خَيۡرًا لَّهُمۡ (پ 26 الحجرات 5)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن اهي صبر ڪن ها، ايتري تائين جو تون پاڻ انهن وٽ تشريف فرما ٿيئن تہ اهو انهن جي لاءِ بهتر هو.

۽ حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام جي هن ارشاد پاڪ مان نصيحت حاصل ڪر.

فَلَا تَسۡـَٔلۡنِىۡ عَنۡ شَىۡءٍ حَتّٰۤى اُحۡدِثَ لَكَ مِنۡهُ ذِكۡرًا ۝ (پ 15 ڪهف 70)

**ترجمو ڪنزالايمان:** مون کان ڪنهن بہ قسم جي پڇا نہ ڪر ايستائين جو مان پاڻ ان بابت بيان نہ ڪيان.

پيارا پٽ!

تڪڙ نہ ڪجانءِ جڏهن ضروري وقت ايندو تہ سڀ ڪجهہ توتي ظاهر ٿي ويندو، تو کي خبر پئجي ويندي جيئن اللّٰہ تعاليٰ جو ارشاد آهي:

سَاُورِيۡكُمۡ اٰيٰتِىۡ فَلَا تَسۡتَعۡجِلُوۡنِ (پ 17 الانبياء 37)

**ترجمو ڪنزالايمان:** هاڻي مان توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندس، مون کان جلدي طلب نہ ڪريو.

ان ڪري وقت کان اڳ اهڙا سوال نہ پڇ ۽ پروسو رک تہ (حق جي راهہ تي) هلڻ سان آخرڪار پنهنجي منزل تائين پهچي ئي

ويندين جيئن الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ڇا انهن زمين ۾ سفر نہ ڪيو جو ڏسن ها.

(پ 21 روم 9)

اي نور نظر!

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي عظمت ۽ جلال جو قسم! جيڪڏهن تون حق جي واٽ تي هلندو رهئين تہ هر منزل تي عجيب شيءِ ڏسندين. جان ۽ دل جي بازي لڳائي ڇڏ، جو تہ ان واٽ جي حقيقت جان قربان ڪرڻ ئي آهي. حضرت سيدنا ذوالنون مصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى پنهنجي هڪ شاگرد کي ارشاد فرمايو: ”جيڪڏهن جان جي بازي لڳائڻ جي همت اٿئي تہ (صوفين جي جماعت) ۾ اچ نہ تہ صوفين واري گمنام ۽ ترڪ دنيا واري ڪم ڏانهن نہ اچ“

## اٺ اهم مدني گل

اي پيارا!

مان توکي اٺن ڳالهين جي نصيحت ڪريان ٿو. انهن کي قبول ڪر. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو حشر جي ميدان ۾ تنهنجو علم تنهنجو دشمن ٿي پوي. انهن اٺن ڳالهين مان چئن تي عمل ڪجان ۽ چئن کي ڇڏي ڏجانءِ.

جن چئن ڳالهين کان پاسو ڪرڻ لازمي آهي:

﴿1﴾ پهرين نصحيت:

**مناظري کان پرهيز:** جيترو ٿي سگهئي ڪنهن سان بہ ڪنهن مسئلي تي مناظرو (بحث ۽ تڪرار) نہ ڪجان ڇو تہ ان ۾ ڪيترين ئي آفتون ۽ مصيبتون آهن. انهن جو نقصان فائدي کان وڌيڪ آهي.

ان ڪري جو بحث، مباحثي سان ڏيکاءُ، تڪبر، حسد، بغض، ڪينو، عداوت، دشمني ۽ فخر جهڙيون خراب عادتون پيدا ٿينديون آهن.

## مناظري جي اجازت ڪڏهن آهي؟

جيڪڏهن تنهنجو ڪنهن قوم يا ڪنهن شخص سان ڪنهن مسئلي ۾ اختلاف ٿي پوي ۽ تنهنجو ارادو حق کي ظاهر ڪرڻ جو هجي جو خاموش رهڻ جي ڪري ڪٿي حق ضايع نه ٿي وڃي ته پوءِ مناظري ۽ گفتگو جي اجازت آهي. پر ياد رکجان ته ارادي ۽ نيّت جي صحيح هجڻ جون ٻه نشانيون آهن (1) اهو فرق نه ڪجان ته حق تنهنجي زبان مان ظاهر ٿئي ٿو يا ڪنهن ٻئي جي (2) وڏي ميڙ جي بدران اڪيلائپ ۾ ان مسئلي تي بحث کي بهتر سمجهجان (۽ جيڪڏهن معاملو ان جي ابتڙ هجي ته پوءِ يقين ڪجان ته شيطان لعين ان ظاهر ۾ نيڪ ڪم جي آڙ ۾ توکي ڪيترن ئي خطرن ۽ تڪليفن ۾ ڦاسائڻ چاهي ٿو)

## قلبي بيمارين ۾ مبتلا مريض

هاڻي مان هڪ تمام ضروري ڳالهه ٻڌايان ٿو، جنهن کي غور سان ٻڌو! مشڪلاتن ۽ مسئلن جي باري ۾ سوال ڪرڻ ڄڻ ته طبيب جي سامهون دل جي بيماري بيان ڪرڻ آهي ۽ ان جو جواب ڏيڻ ڄڻ ته دل جي بيماريءَ جي اصلاح جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ آهي. ياد رک ته جاهل انسان دل جا مريض آهن ۽ عالم سڄورا طبيبن ۽ حڪيمن وانگر آهن. ناقص عالم صحيح علاج نٿو ڪري سگهي ۽ ڪامل عالم به هر مريض جو علاج نٿو ڪري بلڪ ان مريض جو علاج ڪندو آهي جنهن جي باري ۾ پڪي اميد هجيس ته اهو تجويزون ۽ علاج قبول ڪندو ۽ جيڪڏهن مريض جي بيماري پراڻي ۽ دائمي

هجي تہ ان جو مرض، علاج قبول ناهي ڪندو. تنهنڪري سمجهدار طبيب اهو آهي جيڪو اهڙي موقعي تي چئي ڇڏي تہ هن مريض جو علاج نہ ٿيندو، ڇو تہ اهڙي کي دوا ڏيڻ ۾ مشغول ٿيڻ قيمتي زندگي ضايع ڪرڻ جي مترادف آهي.

## جاهل مريضن جا 4 قسم

جهالت ۾ مبتلا مريضن جا 4 قسم آهن جن مان هڪ جو علاج ٿي سگهي ٿو ۽ باقي 3 لاعلاج آهن.

﴾1﴿ پهريون مريض:

**حسد ۾ مبتلا:** علاج نہ ٿيڻ جهڙن مريضن مان پهريون مريض اهو آهي جنهن جو سوال ۽ اعتراض ڪيني ۽ حسد تي مبني هوندو آهي. تون جڏهن بہ ان کي تمام سٺي طريقي ۽ نهايت ئي فصاحت و وضاحت سان جواب ڏيندين تہ تنهنجي جواب سان ان جي بغض، دشمني ۽ حسد ۾ وڌيڪ اضافو ئي ٿيندو ويندو. تنهنڪري بهتر اهو آهي تہ ان جو جواب نہ ڏي جيئن تہ چيو ويو آهي:

كُلُّ الْعَدَاوَةِ قَدْ تُرْجٰى اِزَالَتُهَا　　اِلَّا عَدَاوَةَ مَنْ عَادَاكَ عَنْ حَسَدٍ

**ترجمو:** هر عداوت جي خاتمي جي اميد ڪري سگهجي ٿي، پر جنهن عداوت ۽ دشمني جو بنياد حسد تي هجي ان جو خاتمو نٿو ٿي سگهي.

بس! اهڙي مريض کي ان جي حال تي ئي ڇڏي ڏيو. اللّٰه تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ

فَاَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى ۬ۙ عَنْ ذِكْرِنَا وَ لَمْ يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿۲۹﴾ (پ 27 النجم 29)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ تون ان کان منهن ڦير جيڪو اسان جي ياد کان ڦري ويو ۽ ان نہ گهري مگر دنيا جي زندگي.

حاسد پنهنجي هر قول ۽ فعل سان پنهنجي علم جي پوک جلائي ٿو. جيئن ريت حضور نبي پاڪ صاحب لولاڪ، سياح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: اَلْحَسَدُ يَأْكُلُ الْحَسَنَاتِ كَمَا تَأْكُلُ النَّارُ الْحَطَب يعني حسد نيڪين کي ائين کائي ٿو جيئن باهه سڪل ڪاٺين کي کائيندي آهي. (سنن ابن ماجه حديث 4210، ج 4 ص 743)

﴿2﴾ ٻيو مريض:

بيوقوف: ناقابل علاج مريضن مان ٻيو اهو آهي جنهن جي بيماريءَ جو سبب بيوقوفي هجي. ڇو ته بيوقوفي جو ٻه علاج نٿو ٿي سگهي، جيئن حضرت عيسي عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو ارشاد مبارڪ آهي: ته اِنِّي مَا عَجَزْتُ عَنْ اِحْيَاءِ الْمَوْتٰى وَقَدْ عَجَزْتُ مِنْ مُعَالَجَةِ الْاَحْمَق يعني مان مُردن کي ته زنده ڪري سگهان ٿو، پر بيوقوف جو علاج نٿو ڪري سگهان. بيوقوف انسان ڪجهه وقت علم حاصل ڪرڻ ۾ مشغول هوندو آهي ۽ ڪجهه شرعي ۽ عقلي علم حاصل ڪري پنهنجي بيوقوفيءَ جي ڪري انهن جيد عالمن سڳورن تي سوال ۽ اعتراض ڪرڻ لڳندو آهي جن پنهنجي پياري عمر شرعي ۽ عقلي علمن جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي هوندي آهي.

حقيقت کان بي خبر اهو بيوقوف انسان سمجهندو آهي ته جيڪا ڳالهه مان نه سمجهي سگهيو آهيان اها هر وڏو عالم سمجهي نٿو سگهي. بس! ان بيوقوف کي ڄاڻ ايترو ٻه علم ناهي ته پوءِ ان جو اعتراض بلڪل حماقت ۽ ناداني تي ئي مشتمل هوندو. ان ڪري بهتر اهو آهي ته اهڙي ماڻهو جي سوال جو جواب نه ڏنو وڃي.

﴿3﴾ ٽيون مريض:

**گهٽ عقل وارو:** ٽيون لاعلاج مريض اهو آهي جيڪو حق جي ڳولا ۾ هجي. بزرگن جي جن ڳالهين کي سمجهي نٿو سگهي، انهن کي پنهنجي گهٽ عقل جو نتيجو سمجهي ٿو. ان جو سوال سکڻ جي لاءِ هوندو آهي، پر گهٽ ذهن ۽ گهٽ عقل جي ڪري حقيقت کي سمجهڻ جي صلاحيت ناهي رکندو، ان ڪري اهڙي شخص کي ﺑﻪ جواب نہ ڏيڻ ۾ ئي نجات اهي. جيئن حضور نبي اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان هدايت نشان آهي: نَحْنُ مَعَاشِرَ الْاَنْبِيَاءِ اُمِرْنَا اَنْ نُّكَلِّمَ النَّاسَ عَلٰى قَدْرِعُقُوْلِهِم (يعني اسان نبين جي جماعت عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ ماڻهن سان انهن جي سمجهه مطابق ڳالهايون)

(تفسير سلمي سورة النحل تحت الآية 125 ج 1 ص 377)

﴿4﴾ چوٿون مريض:

**نصيحت جو طلبگار:** چوٿين قسم جي مريض جو علاج ٿي سگهي ٿو. اهو اهڙو مريض آهي جيڪو هدايت ۽ رهنمائي جو طلبگار هجي، عقلمند ۽ معاملي کي سمجهندڙ هجي، حسد، ڪاوڙ ۽ غصو ان تي حاوي نہ هجي، شهوت ۽ نفس پرستي هٺ ۽ وڏائي، مال ۽ دولت جي محبت کان ان جي دل خالي هجي، حق جي راهه ۽ سڌي رستي جو طالب هجي، ان جو سوال ۽ اعتراض حسد، پريشان ڪرڻ ۽ امتحان جي لاءِ نہ هجي تہ اهڙي ماڻهو جو مرض (يعني جهالت) علاج ڪرڻ جوڳو آهي. جائز آهي تہ اهڙي ماڻهو جي سوال جو جواب ڏنو وڃي بلڪ ان جو مسئلو حل ڪرڻ واجب آهي.

## وعظ ۽ بيان جي حقيقت

﴿2﴾ ٻي نصيحت:

جن چئن ڳالهين کان پري رهڻ ضروري آهي، انهن مان ٻي اها آهي تہ (بي عملي جي حالت ۾) وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ. ڇو تہ ان ۾ وڏيون پريشانيون ۽ نقصان آهن. ها جڏهن پنهنجي ڇوڻ تي پاڻ عمل ڪرڻ لڳو تہ ان وقت ماڻهن کي وعظ ڪري سگهو ٿا. (ڇو تہ با عمل با اثر هوندو آهي) ۽ خوب غور ڪريو ان عاليشان فرمان تي، جيڪو حضرت سيدنا عيسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي فرمايو ويو: يَاابْنَ مَرْيَمَ !عِظْ نَفْسَكَ فَاِنِ اتَّعَظْتَ فَعِظِ النَّاسَ وَاِلَّا فَاسْتَحِيِيْ مِنْ رَّبِّكَ يعني اي مريم جا پٽ! پنهنجو پاڻ کي نصيحت ڪر. جيڪڏهن تو نصيحت قبول ڪري ورتي تہ پوءِ ماڻهن کي نصيحت ڪجان نہ تہ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان حياءُ ڪر. (الزهد للامام احمد بن حنبل حديث 300، ص 93)

## وعظ و نصيحت ۾ ٻن ڳالهاين کان پرهيز

جيڪڏهن توکي وعظ ۽ بيان ڪرڻو ئي پوي تہ ٻن ڳالهين کان پرهيز ڪجان.

﴿1﴾ **پهرين ڳالهہ:** وعظ ۽ بيان ۾ سنا الفاظ، بي فائده اشارا، غير مستند واقعا، اجائي شعر و شاعري سان ڏيکاءُ ۽ بناوٽي انداز کان پرهيز ڪجان ڇوتہ **الله** عَزَّوَجَلَّ **جُڙتو** ۽ بناوٽي انداز اپنائڻ وارن کي پسند نٿو فرمائي. ڳالهہ کي وڌائڻ يا ڏيکاءُ ۽ نمائش جي حد اورانگهڻ، باطن جي خراب هئڻ ۽ دل جي غافل هئڻ جو دليل آهي، بيان جو مقصد (پنهنجي قابليت جو اظهار نہ پر) اهو آهي تہ ٻڌڻ وارو آخرت جي تڪليفن، عذابن ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ ٿيندڙ خامين

کي ياد ڪري پنهنجي عمر بيڪار ڪمن ۾ ضايع ٿيڻ تي افسوس ڪري ۽ ايندڙ ڏکين مرحلن جي باري ۾ غورو فڪر ڪري ته (اَلعِيَاذُ بِاللّٰه) جيڪڏهن ايمان تي خاتمو نه ٿيو ته ڇا ٿيندو؟ مَلَکُ الموت (يعني سيدنا عزرائيلعَلَيهِ السَّلام) جڏهن روح قبض فرمائيندو ته حالت ڪهڙي هوندي؟ ڇا منڪر نڪير جي سوالن جا جواب ڏيڻ جي طاقت ۽ همّت آهي؟ ڇا قيامت جي ڏينهن ۽ حشر جي ميدان ۾ پنهنجي حالت جي بهتري جو انتظام ڪيو آهي؟ ۽ ڇا پلصراط کي آسانيءَ سان پار ڪري سگهندس يا ”هاويہ“ (يعني دوزخ جي باهہ) ۾ وڃي پوندس؟

مطلب تہ بيان ٻڌڻ واري جي دل ۾ بيان ڪيل معاملن جي ياد هميشہ ايندي رهي ۽ ان کي بيقرار ڪندي رهي تہ پوءِ اهڙن جذبن جي جوش ۽ انهن تڪليفن ۽ پريشانين تي روئڻ جو نالو ”بيان“ آهي ۽ ماڻهن کي انهن معاملن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ۽ انهن جي خرابين تي انهن کي خبردار ڪندي انهن جي عيبن کان انهن کي آگاهہ ڪرڻ اهڙيءَ طرح هجي جو اجتماع ۾ وينلن کي روئڻ اچي، (قبر ۽ حشر) جا ڏک ۽ ڏولاوا انهن کي سنجيده ۽ غمگين ڪري ڇڏين تہ جيئڻ جيترو ٿي سگهي اهي (نيڪيون ڪري) وڃايل زندگيءَ جي تلافي ڪن ۽ جيڪي ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانيءَ ۾ گذاريا هجن، انهن تي تمام گهڻي حسرت ۽ پشيمانيءَ جو اظهار ڪن. اهڙي طريقي تي مڪمل ڪلام کي ”وعظ“ چيو ويندو آهي.

مثال طور: جيڪڏهن درياهہ ۾ چاڙهہ هجي ۽ پاڻيءَ جو رُخ ڪنهن جي گهر ڏانهن هجي ۽ اتفاق سان هو گهر وارن سميت گهر

۾ موجود هجي تہ يقيني طور تي تون اهوئي چوندين تہ نڪرو! جلدي ڪريو، انهن خطرناڪ لهرن کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ چا تنهنجي دل چاهيندي تہ ان نازڪ ۽ خطرناڪ موقعي تي اُنهن گهر وارن کي وٽندڙ جملا، پاڻ وٽائيندڙ ۽ بناوٽ سان پريل نُڪتن ۽ اشارن سان ٻڌائين. ظاهر آهي تہ تون ائين ڪڏهن بہ پسند نہ ڪندين (۽ نہ ئي اهڙي ناداني ۽ بيوقوفيءَ جو مظاهرو ڪندين) بس! اهوئي حال واعظ ۽ مبلّغ جو آهي ان کي بہ گهرجي تہ پاڻ وٽائيندڙ جملن ۽ بناوٽ کان پرهيز ڪري.

﴿2﴾ **ٻي ڳالهہ:** وعظ ۾ بيان ڪرڻ ۾ تنهنجي نيّت ۽ ارادو ڪڏهن بہ اهڙو نہ هجي جو ماڻهن ۾ واهہ واهہ جا نعرا لڳن. اهي وجد ۾ اچي، پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏين ۽ چوڌاري اهو شور مچي وڃي تہ ڪيتري تہ زبردست محفل آهي! ڇو تہ اهڙي خواهش دنيا ڏانهن لاڙو ۽ ڏيکاءُ جي نشاني آهي، جيڪا حق کان غافل ٿيڻ جي ڪري پيدا ٿيندي آهي. پر تنهنجو عزم ۽ ارادو اهو هئڻ کپي تہ (تون پنهنجي وعظ ۽ بيان جي وسيلي) ماڻهن کي دنيا کان آخرت ڏانهن موڙي سگهين. گناهن کان نيڪين ڏانهن، حرص ۽ لالچ کان زهد (يعني دنيا کان بيزاري) ڏانهن، بخل ۽ ڪنجوسيءَ کان سخاوت ڏانهن، دنيا جي ڏوکي کان تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ڏانهن، (ڏيکاءَ کان اخلاص ڏانهن تڪبر کان عاجزي ۽ انڪساريءَ ڏانهن ۽ غفلت کان سجاڳيءَ ڏانهن) موڙڻ جي ڪوشش ڪرين. انهن جي دلين ۾ آخرت جي محبت پيدا ڪري دنيا کي انهن جي نظرن ۾ هيناهون (يعني نفرت جي لائق) بنائين ۽ انهن کي عبادت ۽ تقويٰ جي علم سان مالامال ڪرين.

چوته انسان جي طبيعت ان ڳالھ ڏانھن مائل هوندي آهي ته اهو شريعت پاڪ واري سڌي رستي تان ڦري، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي وارن ڪمن ۽ بيڪار عادتن ۽ طور طريقن ۾ جلد لڳي ويندي آهي.

ان ڪري ماڻھن جي دلين ۾ **الله تعاليٰ** جو خوف، تقويٰ ۽ پرهيزگاري پيدا ڪر. انھن کي (مرڻ وقت قبر ۽ آخرت ۾) پيش ايندڙ خطرن ۽ تڪليفن سان جيترو ٿي سگھئي ته ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪر. شايد ائين ڪرڻ سان انھن جي ظاهري ۽ لڪل ڪمن ۾ تبديلي اچي وڃي ۽ اهي (سچي توبھ ڪري) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ شوق ۽ رغبت اپنائين، گناهن ۽ نافرمانين کان بيزاري اختيار ڪن جو اهوئي وعظ ۽ بيان جو طريقو آهي.

هر اهو وعظ ۽ بيان جنھن ۾ اهي خوبيون نه هجن، اهو واعظ، مبلّغ ۽ ٻڌڻ وارن جي لاءِ تباهيءَ جو ڪارڻ آهي بلڪ ايتري تائين چيو ويو آهي ته اهڙو واعظي رنگ بدلائيندڙ جنّ ۽ شيطان آهي. جيڪو ماڻھن کي سڌي رستي تان ڦيرائي، انھن کي تباهي، خواري ۽ بربادي جي کڏي ۾ وجي ڪيرائيندو آهي. مطلب ته ماڻھن کي گھرجي ته اهي اهڙي واعظ کان پري ڀڄن، ڇو ته دين کي جيترو نقصان اهڙا واعظ پھچائيندا آهن، اوترو شيطان به ناهي پھچائيندو. ان ڪري جيڪو طاقت ۽ همّت رکندڙ هجي، ان تي لازمي آهي ته هو اهڙي (فتني ۽ فساد ڦهلائيندڙ) واعظ کي مسلمانن جي منبر تان هيٺ لاهي ۽ ڪيس اهڙو (وعظ ۽ بيان) ڪرڻ کان روڪي. ڇو ته ائين ڪرڻ به امربالمعروف ونهي عن المنڪر (يعني نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ) ۾ داخل آهي.

## اميرن سان ميل جول جو نقصان

﴿3﴾ ٽين نصيحت:

جن ڇئن ڳالهين کان پري رهڻو آهي، انهن مان ٽين اها آهي ته توهان اميرن ۽ بادشاهن وٽ اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏيو ۽ نه ئي انهن کي ڏسو. ڇو ته انهن ڏانهن ڏسڻ، انهن وٽ ويهڻ، انهن جي دوستي اختيار ڪرڻ تمام وڏي آفت آهي ۽ جيڪڏهن ڪو انهن سان ملڻ جو اتفاق به ٿئي ته ڪڏهن به انهن جي تعريف ۽ واکاڻ نه ڪجان. ان ڪري جو جڏهن ڪنهن ظالم ۽ فاسق جي تعريف ڪئي ويندي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ سخت ناراض ٿيندو آهي ۽ جيڪو ظالمن ۽ فاسقن جي وڏي عمر جي دعا ڪندو آهي (نَعُوذُ بِاللهِ) ته ان جو ارادو هوندو آهي ته زمين تي الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ٿئي.

## اميرن جا تحفا يا شيطان جو وار؟

﴿4﴾ چوٿين نصيحت:

منع ڪيل ڳالهين مان آخري اها آهي ته اميرن (حاڪمن ۽ سردارن) کان ڪنهن به قسم جا تحفا يا نذرانا قبول نه ڪجان، جيتوڻيڪ توکي خبر به هجي ته اهي حلال ڪمائي مان پيش ڪيا پيا وڃن، ان ڪري جو اهڙن ماڻهن ۾ لالچ ۽ طمع رکڻ جي ڪري دين ۾ خرابي پيدا ٿيندي آهي. (ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته) انهن جي لاءِ دل ۾ نرمي ۽ ظلم ۾ تعاون، طرفداري جهڙا جذبات پيدا ٿيندا آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه دين ۾ خرابي ۽ فساد ئي ته آهي ان جو گهٽ ۾ گهٽ نقصان اهو آهي ته جڏهن تون انهن جا تحفا ۽ نذرانا

قبول ڪندين ۽ انهن جي عهدن مان فائدو وٺندين ته پوءِ ضرور انهن سان محبت به ڪرڻ لڳندين ۽ ماڻهو جنهن سان محبت ڪندو آهي ته ان جي وڏي عمر، سلامتي ۽ بقا به چاهيندو آهي، ظالم جي سلامتي ۽ بقا پسند ڪرڻ، حقيقت ۾ **الله** تعاليٰ جي مخلوق تي ظلم ۽ دنيا کي برباد ڪرڻ جو ارادو آهي. ان ڪري ان کان وڌيڪ دين ۽ آخرت کي ڪهڙي شيءِ نقصان ڏئي سگهي ٿي؟

خبردار! هوشيار! شيطان لعين ۽ مردود جي ڌوکي ۾ نه اچجان ۽ نه ئي انهن ماڻهن جي ڌوکي ۾ اچجان جيڪي چوندا آهن ته انهن اميرن کان پئسا وٺي ڪري فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ورهائڻ چڱو آهي، چو ته امير پنهنجو مال نافرماني ۽ گناهن جي ڪمن ۾ خرچ ڪندا آهن. ان ڪري انهيءَ مال کي غريب ۽ لاچار مسلمانن تي خرچ ڪرڻ ان کان وڌيڪ بهتر آهي. شيطان ملعون اهڙي وار سان خبر ناهي ڪيترن ماڻهن کي تباهه ۽ برباد ڪري چڪو آهي. ان بحث کي وڌيڪ بين آفتن جي تفصيل سان اسان "احياءُ العلوم" ۾ ذڪر ڪيو آهي. تفصيل جي لاءِ اتان ڏسي وٺو.

### جن ڇئن ڳالهين تي عمل ڪرڻو آهي

## الله تعاليٰ سان ٻانهي جو معاملو

**﴿5﴾ پنجين نصيحت:**

تنهنجو **الله** تعاليٰ سان معاملو اهڙو هئڻ گهرجي، جهڙي طرح: جيڪڏهن تنهنجو غلام توسان اهڙو معاملو ڪري ته تون ان سان خوش ٿيندين، ان تي دلي طور ناراض ۽ ڪاوڙ جو اظهار نه ڪندين ۽ اهڙو معاملو جيڪو تنهنجو غلام تنهنجي لاءِ ڪري، تون

ان تي راضي نٿو ٿئين تہ پوءِ پاڻ بہ **اللّٰہ** تعاليٰ جي لاءِ اهڙو معاملو ڪرڻ تي راضي نہ ٿجان جيڪو تنهنجو حقيقي ۽ سچو مالڪ آهي.

## ماڻهن سان تعلق

﴿6﴾ ڇهين نصيحت:

ماڻهن سان تنهنجو رويو اهڙو هئڻ گهرجي جيڪو تون چاهين ٿو تہ اهي توسان رکن ڇو تہ ٻانهي جو ايمان ان وقت ڪامل ٿيندو آهي جڏهن اهو سيني ماڻهن جي لاءِ اهوئي پسند ڪري جيڪو هو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.

## علم ۽ مطالعي جو طريقو

﴿7﴾ ستين نصيحت:

جڏهن تون ڪو علم حاصل ڪرڻ چاهين يا مطالعو ڪرڻ چاهين تہ پوءِ بهتر آهي، تنهنجو علم ۽ مطالعو اهڙو هجي جيڪو نفس جي پاڪائي ۽ دل جي اصلاح جو سبب ٿئي. جيئن توکي ڪا خبر پوي تہ تنهنجي عمر جو رڳو هڪ هفتو باقي آهي تہ پوءِ ضرور تون انهن ڏينهن کي فقه و مناظره، اصول و ڪلام ۽ ٻين علمن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ نہ گذاريندين. ڇوتہ توکي خبر آهي تہ هاڻي اهي علم تنهنجي لاءِ ڪافي ناهن. پر تون پنهنجي دل جي حفاظت ۽ نگرانيءَ ۾ لڳي ويندين. نفس جي صفتن کي سڃاڻڻ ۽ دنيا جي رشتن کان منهن موڙي، پنهنجي نفس کي خراب اخلاق کان پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندين ۽ سٺا اخلاق حاصل ڪري **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ محبت سان پنهنجو رشتو مضبوط ڪرڻ جي

ڪوشش ڪندين، هر ڏينهن ۽ رات (بلڪ هر گهڙي) ان ڳالهه جو امڪان موجود آهي ته ان ۾ انسان جو موت واقع ٿي وڃي.

## چوٽڪاري جو مدني نسخو

اي نورِ نظر!

هاڻي منهنجي هڪ ٻي ڳالهه ڌيان سان ٻڌ! ۽ ان ۾ غور و فڪر ڪر، ايتري تائين جو توکي پنهنجي ڇوٽڪاري جو رستو ملي وڃي. سوچ ته سهي! جيڪڏهن توکي اها خبر پئجي وڃي ته وقت جو بادشاهه هڪ هفتي ڪانپوءِ توسان ملڻ ايندو ته ان عرصي ۾ تون هر ان جاءِ کي ٺاهڻ سينگارڻ ۾ لڳي ويندين جتي تنهنجي خيال ۾ بادشاهه جي نظر پئجي سگهي ٿي. مثال طور پنهنجن ڪپڙن ۽ بدن جي سار سنڀال، زيب ۽ زينت تي خاص ڌيان ڏيندين ۽ گهر جي هڪ هڪ شيءِ کي صاف سٿرو ۽ سينگارڻ جي ڪوشش ڪندين.

هاڻي غور ته ڪر، منهنجو اشارو ڪيڏانهن آهي. ڇوته تون وڏو سمجهدار آهين ۽ عقلمند جي لاءِ اشارو ئي ڪافي آهي.

## دلين ۽ نيتن تي نظر

نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم، نُورِ مُجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: اِنَّ اللهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَلَا اِلٰى اَعْمَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ نِيَّاتِكُمْ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان جي شڪل، صورت ۽ توهان جي عملن کي نٿو ڏسي بلڪ توهان جي دلين ۽ توهان جي نيتن کي ڏسي ٿو.

(صحيح مسلم، حديث 2564، ص 1387)

## ڪيترو علم فرض آهي[1]

جيڪڏهن توهان دل جي احوال (يعني دل جي حالتن) جو علم حاصل ڪرڻ چاهين ٿو ته ”اِحياءُ العلوم“ ۽ اسان جي ٻين تصنيفن جو مطالعو ڪر، ڇو ته اهو علم ته فرض عين آهي، جڏهن ته ٻيا علم فرض ڪفايه آهن، البته ايترو علم حاصل ڪرڻ فرض آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي مقرر ڪيل فرضن ۽ احڪامن کي ڪامل ۽ سهڻي طريقي سان پورو ڪري سگهجي. الله عَزَّوَجَلَّ توکي ان علم جي حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي (آمين)

## لالچ ۽ حرص کان پرهيز

﴿8﴾ اٺين نصيحت:

پاڻ وٽ دنيا جو مال صرف ايترو گڏ ڪري رک جيڪو تو

1 دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي ڇپيل 504 صحفن تي مشتمل ڪتاب ”غيبت جون تباهه ڪاريون“ صحفي 5 تي شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه لکن ٿا: نورمجسم، شاهه بني آدم، رسول محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ يعني علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي. (سنن ابن ماجه ج 1 ص 146 حديث 224) هتي اسڪول ڪاليج جي دنيوي تعليم نه بلڪ ضروري ديني تعليم مراد آهي. ان ڪري سڀ کان اڳ بنيادي عقيدا سکڻ فرض آهن. ان کانپوءِ نماز جا شرط ۽ فرض، نماز جا ٽوڙيندڙ ۽ وري رمضان المبارڪ اچي ته فرض هجڻ جي حالت ۾ روزن جا ضروري مسئلا. جنهن تي زڪوٰة فرض ٿئي ته ان جي لاءِ زڪوٰة جا ضروري مسئلا، اهڙي طرح حج فرض ٿيڻ جي صورت ۾ حج جا، نڪاح ڪرڻ چاهي ته نڪاح جا، واپاريءَ کي خريد ۽ فروخت جا، نوڪري ڪرڻ واري کي نوڪريءَ جا، نوڪر رکڻ واري کي اجاري جا، و علٰي هٰذا القياس (يعني انهيءَ تي قياس ڪندي) هر مسلمان عاقل، بالغ، مرد و عورت تي ان جي موجوده حالت مطابق مسئلا سکڻ فرض عين آهن. اهڙي طرح هر هڪ جي لاءِ حلال ۽ حرام جا مسئلا سکڻ به فرض آهن ۽ پڻ قلب جا مسئلا (باطني مسئلا) عاجزي، اخلاص ۽ توڪّل وغيره ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جو طريقو ۽ لڪل گناهه مثال طور تڪبر، ڏيکاءُ، حسد وغيره وغيره ۽ اُنهن جو علاج سکڻ هر مسلمان تي اهم فرضن منجهان آهي. (تفصيل جي لاءِ ڏسو فتاويٰ رضويه جلد 23 صحفو 623-624)

کي هڪ سال جي خرچن ۽ ضرورتن جي لاءِ ڪافي ٿئي. جيئن محبوب ربُّ العزّت، قاسم نعمت، مالڪ جنّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجن ڪن پاڪ گهروارين رَضِيَ اللهُ تعالىٰ عَنهُنَّ جي لاءِ ائين ڪندا هئا ۽ دعا فرمائيندا هئا: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ قُوْتَ اٰلِ مُحَمَّدٍ كَفَافًا يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ آل محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پورت جيتري روزي عطا فرماءِ. (صحيح مسلم حديث 2969، ص 1588) ۽ پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني پاڪ گهروارين رَضِيَ اللهُ تعالىٰ عَنهُنَّ جي لاءِ نه فرمائيندا هئا، بلڪ اهو اهتمام انهن جي لاءِ فرمائيندا هئا جن جي دلين ۾ ڪجهه ڪمزوري ملاحظ ڪندا هئا ۽ جيڪي يقين جي اعليٰ درجي تي فائز هيون، انهن جي لاءِ هڪ اڌ ڏينهن ڪان وڌيڪ جو انتظام ڪڏهن به نه فرمائيندا هئا.

## خاص دعا

پيارا پٽ!

مان ان رسالي نُما خط ۾ تنهنجي سوالن جا جواب ڏئي چڏيا آهن. هاڻي تون انهن تي عمل ڪرڻ شروع ڪر ۽ مون کي پنهنجي نيڪ دعائن ۾ ياد رک ۽ تو دعا جي لاءِ مون کان پڇيو آهي. مان صحيح حديثن مان ماخوذ دعائون توکي ٻڌايان ٿو. هي دعا پنهنجي قيمتي وقتن، خاص طور تي هر نماز ڪانپوءِ گهرندو ڪر.

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ مِنَ النِّعْمَةِ تَمَامَهَا وَ مِنَ الْعِصْمَةِ دَوَامَهَا وَ مِنَ الرَّحْمَةِ شُمُوْلَهَا وَ مِنَ الْعَافِيَةِ حُصُوْلَهَا وَ مِنَ الْعَيْشِ اَرْغَدَهٗ وَ مِنَ الْعُمُرِ اَسْعَدَهٗ وَ مِنَ الْاِحْسَانِ اَتَمَّهٗ وَ مِنَ الْاَنْعَامِ اَعَمَّهٗ وَ مِنَ الْفَضْلِ اَعْذَبَهٗ وَ مِنَ اللُّطْفِ اَقْرَبَهٗ۔ اَللّٰهُمَّ كُنْ لَّنَا وَ لَا تَكُنْ عَلَيْنَا۔ اَللّٰهُمَّ اخْتِمْ بِالسَّعَادَةِ اٰجَالَنَا وَ حَقِّقْ بِالزِّيَادَةِ اٰمَالَنَا وَاقْرِنْ بِالْعَافِيَةِ غُدُوَّنَا وَ اٰصَالَنَا وَ اجْعَلْ اِلٰى رَحْمَتِكَ مَصِيْرَنَا وَ مَآلَنَا وَاصْبُبْ سِجَالَ عَفْوِكَ عَلٰى ذُنُوْبِنَا وَ مُنَّ عَلَيْنَا بِاِصْلَاحِ عُيُوْبِنَا وَ اجْعَلِ التَّقْوٰى زَادَنَا وَ فِيْ دِيْنِكَ

اِجْتِهَادَنَا وَ عَلَيْكَ تَوَكُّلُنَا وَ اِعْتِمَادُنَا ۔اَللّٰهُمَّ ثَبِّتْنَا عَلٰى نَهْجِ الْاِسْتِقَامَةِ وَ اَعِذْنَا فِي الدُّنْيَا مِنْ مُوْجِبَاتِ النَّدَامَةِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ خَفِّفْ عَنَّا ثِقْلَ الْاَوْزَارِ وَ ارْزُقْنَا عِيْشَةَ الْاَبْرَارِ وَ اكْفِنَا وَاصْرِفْ عَنَّا شَرَّ الْاَشْرَارِ وَ اعْتِقْ رِقَابَنَا وَ رِقَابَ آبَائِنَا وَ اُمَّهَاتِنَا وَ اَخْوَانِنَا وَ اَخَوَاتِنَا وَ مَشَايِخِنَا مِنَ النَّارِ بِرَحْمَتِكَ يَا عَزِيْزُ يَا غَفَّارُ يَا كَرِيْمُ يَا سَتَّارُ يَا حَلِيْمُ يَا جَبَّارُ يَا اَللّٰهُ يَا اَللّٰهُ يَا اَللّٰهُ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ وَ يَا اَوَّلَ الْاَوَّلِيْنَ وَ يَا آخِرَ الآخِرِيْنَ وَ يَا ذَا الْقُوَّةِ الْمَتِيْنَ وَيَا رَاحِمَ الْمَسَاكِيْنَ وَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ سُبْحَانَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظَّالِمِيْنَ۔

يعني اي **الله** عَزَّوَجَلَّ مان توکان سوال کريان ٿو ڪامل نعمت، دائمي عصمت (يعني هميشہ واري پاڪيزگي) ۽ اهڙي رحمت جو جيڪا منهنجي سيني ڪمن ۽ معاملن ۾ شامل هجي ۽ توکان دائمي واري خير و عافيت، خوشحال زندگي، سعادتن سان ڀريل ڊگهي عمر، ڪامل، مڪمل احسان، هر حال ۾ انعام و اڪرام، فضل و ڪرم ۽ اهڙو لطف ۽ عطا گهران ٿو جيڪو اوهان جي دربار ۾ مون کي اجا وڌيڪ ويجهو ڪري ڇڏي.

✡ اي **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان جي مدد فرماءِ، هر نقصان کان محفوظ ۽ مامون فرماءِ، اسان کي سعادت و عافيت جو موت عطا فرماءِ، اسان جون اميدون پوريون فرماءِ بلڪ اميدن کان وڌيڪ عطا فرماءِ، اسان جي صبح ۽ شام کي عافيت سان همڪنار فرماءِ، اسان جو انجام ۽ خاتمو پنهنجي رحمت سان فرماءِ، اسان جي گناهن جي ڪارڻ تي پنهنجي مغفرت جي برسات وساءِ، اسان جي عيبن جي اصلاح فرمائي، اسان تي احسان فرماءِ. تقويٰ ۽ پرهيزگاري اسان جي زادِ راهه بڻاءِ. تنهنجي دين جي واڌاري جي لاءِ اسان جي هر ڪوشش کي قبول فرماءِ. تو تي ئي اسان جو ڀروسو آهي، تون ئي اسان جو

سهارو آهين.

✡ اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي استقامت جي واٽ تي ثابت قدم رک، حشر جي ڏينهن پشيمانيءَ جو سبب ٿيندڙ عملن کان بچاءِ، گناهن جو بار هلڪو فرماءِ، نيڪ انسانن جهڙي زندگي عطا فرماءِ، پاڻ کانسواءِ ڪنهن جو بہ محتاج نہ ڪر، بُرن انسانن جي شرّ کان بچاءِ.

✡ اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي اسان جي ابن، ڏاڏن، اسان جي مائرن، ڀينرن، ڀائرن، اسان جي مشائخ سڳورن ۽ اسان جي استاد صاحبان کي جهنّم جي باهہ کان محفوظ فرماءِ. **يا عزيز، يا غفار، يا ڪريم، يا ستار، يا عليم، يا جبار، يا الله، يا الله، يا الله برحمتک يا ارحم الراحمين**

✡ اي هر اوّل کان پهريان! اي هر آخر کان پوءِ موجود رهڻ وارا! اي طاقت ۽ قوّت وارا! اي مسڪينن تي عنايت ڪرڻ وارا! اي سيني کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارا! لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ

(وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ)

## ماخذ و مراجع


| كتاب | مصنف / مؤلف | مطبوعه |
|---|---|---|
| قرآن مجيد | كلامِ بارى تعالىٰ | مكتبة المدينه كراچى |
| كَنْزُالْاِيْمَانِ فِىْ تَرْجَمَةِالْقُرْاٰن | اعلىٰحضرت امام احمد رضا خان متوفّٰى١٣٤٠ھ | ضياء القرآن پبليكيشنز لاهور |
| تفسير روح البيان | علامه اسماعيل حقى بروسوى متوفّٰى١١٣٧ھ | كوئٹه پاكستان |
| الجامع لاحكام القرآن | ابو عبدالله محمد بن احمد انصارى قرطبى متوفّٰى٦٧١ھ | دار الفكر بيروت |
| تفسير السلمى | ابو عبدالرحمٰن محمد بن الحسين سلمى متوفّٰى٤١٢ھ | دار الكتب العلمية بيروت |
| صَحِيْحُ الْبُخَارِى | امام محمد بن اسماعيل بخارى متوفّٰى٢٥٦ھ | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح مسلم | امام مسلم بن حجاج بن مسلم القشيرى متوفّٰى٢٦١ھ | دار ابن حزم بيروت |
| سُنَن الترمذى | ابوعيسىٰ محمد بن عيسىٰ ترمذى متوفّٰى٢٧٩ھ | دار الفكر بيروت |
| سُنَنُ ابنِ ماجة | ابو عبد الله محمد بن يزيد القزوينى متوفّٰى٢٧٣ھ | دار المعرفه بيروت |
| اَلْمُسْنَدُ لِلاِمَامِ اَحْمَد | امام احمد بن حنبل متوفّٰى٢٤١ھ | دار الفكر بيروت |
| الزهد | امام احمد بن حنبل متوفّٰى٢٤١ھ | دار الغد الحديد |
| حلية الاولياء | ابونعيم احمد بن عبد الله اصفهانى متوفّٰى٤٣٠ھ | المكتبة العصريه بيروت |
| شُعَبُ الْاِيْمَان | امام ابوبكر احمد بن حسين بيهقى متوفّٰى٤٥٨ھ | دار الكتب العلمية بيروت |
| فِرْدَوْسُ الْاَخْبَار | حافظ شيرويه بن شهردار ديلمى متوفّٰى٥٠٩ھ | دار الفكر بيروت |
| ديوان الحماسة | ابى تمام حبيب بن اوس طائى متوفّٰى٦٣١ھ | لاهور پاكستان |


www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

